جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

ABC
CARTL

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه

جلد 17 | چنڇر 31 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 19 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 20

سنڌ ۽ پرتگال ۾ ڪراچي جي پاڻي، توانائي ۽ لياري فٽبال سميت اهم شعبن ۾ گڏيل تعاون تي اتفاق

اهي جديد ڊسيلينيشن ٽيڪنالاجي ذريعي ڪراچي جي وڌندڙ پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت سان شراڪتداري ڪن توانائي جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي موقعن ۽ فٽبال جي ترقي ۾ تعاون جا موقعا پڻ ڳولين: مراد علي شاهه

هن ڪراچي ۾ ڊسيلينيشن پلانٽس لڳائڻ جي فني ۽ تجارتي امڪانن جو گڏيل جائزو وٺڻ لاءِ پرتگالي ڪمپنين کي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KWSC) سان ڳنڍڻ جي تجويز ڏني

وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ هن ملاقات ۾ پرتگال جي پوليٽيڪل آفيسر ڊيوڊ آرڪائو، ڪراچي ۾ پرتگال جي اعزازي ڪائونسل امين فاڪر، ۽ وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل شرڪت ڪئي

ملاقات دوران ٻنهي ڌرين پاڻي جي وسيلن، توانائي، راندين، خاص ڪري فٽبال، ۽ سيڙپڪاري ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

سنڌ حڪومت ڪراچي جي پاڻي جي وڌندڙ گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ پائيدار حل ڳولي رهي آهي، ۽ ڊسيلينيشن هڪ اهم اختيار آهي جنهن تي غور ڪيو پيو وڃي: وڏو وزير

اسان ڪراچي جي عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ صوبي جي توانائي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ بين الاقوامي مهارت مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاڪستان ۾ پرتگال جي سفير مسٽر پائولو ڊومينگوز سان پنهنجي ملاقات ۾ پرتگالي ڪمپنين کي دعوت ڏني آهي ته اهي جديد ڊسيلينيشن ٽيڪنالاجي ذريعي ڪراچي جي وڌندڙ پاڻي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت سان شراڪتداري ڪن توانائي جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي موقعن ۽ فٽبال جي ترقي ۾ تعاون جا موقعا پڻ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پاڪستان سنگاپور سان پائيداري کي ٻطرفي ۽ آسيان پليٽ فارم ذريعي گهڻ طرفي سطحن تي اهميت ڏئي ٿو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف سان سنگاپور جي پرڏيهي معاملن واري وزير ڊاڪٽر ويوين بالاڪرشنن ملاقات. وزيراعظم سنگاپور سان پُراڻن ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم کي ورجايو

هن سال ٻئي ملڪ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 60هين سالگرهه ملهائي رهيا آهن. وزيراعظم سنگاپور جي شاندار اقتصادي تبديلي، جدت ۽ ترقي جي شعبن ۾ حاصل ٿيندڙ ڪاميابين کي ساراهيو

پاڪستان سنگاپور سان پنهنجي پائيداري کي ٻه طرفي ۽ آسيان پليٽ فارم ذريعي گهڻ طرفي سطح تي اهميت ڏئي ٿو. ڌرين ٻطرفي واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ ۽ ترجيحي شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

جن ۾ ڊجيٽل معيشت، فن ٽيڪ، انفراسٽرڪچر جي ترقي، لاجسٽڪس، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ۽ خدمتن جا شعبا شامل آهن

انهن گڏيل طور تي لاڀائتي اقتصادي تعاون لاءِ نوان رستا ڳولڻ ۽ عوام کان عوام جي رابطن کي وڌائڻ تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

ٻنهي اڳواڻن علائقائي ۽ عالمي اڳيرائي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ٻطرفي ۽ گهڻ طرفي فورمن تي مسلسل تعاون جي عزم کي ورجايو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف سنگاپور سان پُراڻن ۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم کي ورجائيندي چيو آهي ته اهميت ڏئي ٿو. جمعي جي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف سان سنگاپور جي پرڏيهي معاملن واري وزير ڊاڪٽر ويوين بالاڪرشنن ملاقات. وزيراعظم سنگاپور سان پُراڻن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

پ پ پاران مخالف ڌر کي چونڊ سڌارن واري ڪميٽي ۾ شموليت جي باضابطا دعوت، اپوزيشن وقت گهري ورتو

محمود اڇڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس پي ٽي آءِ قيادت سان صلاح مشوري لاءِ وقت گهري ورتو

بلاول ڀٽو جي هدايت تي مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود اڇڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس سان ڪجهه ڪلاڪن اندر پيپلز پارٽي جي وفد جي ٻي ملاقات

جنهن ۾ علامه راجا ناصر عباس چونڊن ۾ شفافيت کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ واري تجويز سان اتفاق ڪيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي مخالف ڌر کي چونڊ سڌارن واري ڪميٽي ۾ شامل ٿ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

سنگاپور ۽ پاڪستان ۾ ٻطرفو سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

جتي هن آرمي چيف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ملاقات ڪئي

خطي ۽ عالمي سلامتيءَ جي بدلجندڙ صورتحال ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ

راولپنڊي (م ڊ) پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب سنگاپور جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

JOINT PRESS STAKEOUT
DEPUTY PRIME MINISTER/FOREIGN MINISTER OF PAKISTAN,
H.E. SENATOR MOHAMMAD ISHAQ DAR & MINISTER FOR FOREIGN AFFAIRS OF
SINGAPORE, H.E. DR. VIVIAN BALAKRISHNAN
30 October 2026
Islamabad

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان سنگاپور جو پرڏيهي وزير گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

انتظامي يونٽن تي صدر زرداري پيپلز پارٽي کي پاڻ راضي ڪندو، هوڏاهو ماڻهو آهي: آسيه اسحاق

هوڏاهو ماڻهو آهي، بينظير ڀٽو جي شهادت وقت به هن "پاڪستان کپي" جو نعرو هنيو هو.

سنڌ اسيمبلي رڳو ٺهراءُ پاس ڪري صوبن ٺاهڻ واري معاملي کي روڪي نٿي سگهي

سياسي مخالفن کي زميني حقيقتون سمجهڻ گهرجن، گاريون ڏيڻ ۽ ڪميٽين جو بائيڪاٽ ڪرڻ سان پاڪستان کي هلڻ کان روڪي نٿو سگهجي

اسلام آباد (بيورو) آسيه اسحاق چيو آهي ته انتظامي يونٽن جي معاملي تي صدر آصف علي زرداري پيپلز پارٽي کي پاڻ راضي ڪندو، هوڏاهو ماڻهو آهي، بينظير ڀٽو جي شهادت وقت به هن "پاڪستان کپي" جو نعرو هنيو هو هن چيو ته سنڌ اس/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز 5 ڊرون ڪيرائي ڇڏيا

دهشتگردن ضلعي خاران جي علائقي البت ۾ قائم چيڪ پوسٽ کي ڊرون ذريعي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي

جنهن تي سيڪيورٽي فورسز ترت جوابي ڪارروائي ڪئي، سيڪيورٽي فورسز بروقت ڪارروائي

پنج ئي ڊرون پنهنجي هدف تائين پهچڻ کان اڳ تباهه ڪري ڇڏيا

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز فتنه الهندستان جي ڊرون حملي جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي 5 ڊرون ڪيرائي ڇڏيا. سيڪيورٽي ذريعن موجب دهشتگردن ضلعي خاران جي علائقي البت ۾ قائم چيڪ پوسٽ کي ڊرون ذريعي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي سيڪيورٽي فورسز ترت جوابي ڪارروائي ڪئي، سيڪيورٽي فورسز بروقت ڪارر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڏياري محبت، رواداري ۽ ڀائيچاري جو ڏڻ آهي، اقليتن کي اڪيلو نه ڇڏينداسين: ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي

سنڌ حڪومت اقليتي برادري جي مسئلن جي حل ۽ سنڌن خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. ڏياري تقريب کي

ڏياري هندو برادري جو سڀ کان وڏو ڏڻ آهي، جيڪو رڳو هڪ مذهبي تقريب نه، پر مائٽن، پيئڻ، ٻارن، بزرگن، آبادگارن، مزدورن ۽ معاشري جي هر طبقي جي خوشين جو نالو آهي

سنڌ ۾ صدين کان مختلف مذهبن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿيندا اچن ٿا

پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس (PNCA) ڪراچي ۾ هيپي ڏياري 2026ع جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سنڌ جي معاون خصوصي براءِ اقليتي امور ۽ سنڌ ايواڪيوئيَ ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جي چيئرمين ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو آهي ته ڏياري محبت، پيار، خوشحالي، انسانيت، مذهبي رواداري ۽ باهمي احترام ج/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

ڪراچي سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان وڪيلن کي گاڏين تان مونوگرام ۽ لوگو هٽائڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت وڪيلن ۽ عدالتي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

اين سي سي آءِ اي ڪراچي جي ڪارروائي، عورت کي ڦرڻ وارو جوابدار گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) اين سي سي آءِ اي ڪراچي ڪارروائي ڪندي شادي جو جهانسو ڏئي عور/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ جو خصوصي صلاحڪار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي

نان ٽيچنگ اسٽاف جي جونيئر ڪلارڪن جي عارضي سينارٽي لسٽ جاري، اعتراضن ۽ درستگيءَ لاءِ لکت ۾ درخواستون طلب

ميرپورخاص (م ڊ) ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن پرائمري ميرپورخاص ڊويزن، پروفيسر ف/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

70 سالن جي نورين نيازي کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي: سلمان اڪرم راجا

اسان جو مطالبو آهي ته نورين نيازي تائين فيملي جي رسائي ڏني وڃي

اڄ به عدالت کي گذارش ڪئي آهي ته هن ڪيس کي اڄ ئي ٻڌو وڃي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري سلمان اڪرم راجا چيو آهي ته 70 سالن جي نورين نيازي کي سياسي انتقام جو نشانو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

مولانا صاحب جي تقرير ۾ ڪي لفظ ادا نه ٿين ها ته بهتر هو: چيئرمين بيرسٽر گوهر

اهي به نامناسب آهن، سياسي قيادت ۽ جمهوريت کي نقصان پهچائيندڙ قدمن کان پاسو ڪرڻ گهرجي

ٻاهرين انتشار جو پوري قوم گڏجي مقابلو ڪندي آهي، اندروني انتشار ملڪ کي وڌيڪ نقصان پهچائيندو آهي

ملڪ ۾ ڇڪتاڻ وڌائڻ بدران سياسي اڳواڻن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، ملڪ ۾ تاءُ تمام گهڻو وڌي چڪو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته مولانا صاحب جي تقرير ۾ ڪي لفظ ادا نه ٿين ها ته بهتر هو، سنڌس تقرير جي جواب ۾ جنهن طرح حملا ڪيا ويا اهي به نامناسب آهن. سياسي قيادت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

ايران سان جنگ جلد ختم ٿي ويندي: ڊونلڊ ٽرمپ

آمريڪا کي ان ڳالهه جي ضمانت گهرجي ته ايران ڪڏهن به جوهري هٿيار حاصل نه ڪري سگهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر چيو آهي ته سندس خيال ۾ ايران سان جنگ جلد ختم ٿي ويندي، پر هن اهو واضح نه ڪيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪراچي: گلستان جوهر ڪامران چورنگي تي لڳل باهه جو ڏيک

ڀارت ۾ 6 ڄڻن کي کڻي ويندڙ هيلي ڪاپٽر اتراکنڊ ڪِري تباهه

هيلي ڪاپٽر چمولي ضلعي ۾ جوشي مٺ پرسان هڪ ٻوٽ وٽ ڪِري تباهه ٿيو

واقعي واري جابلو علائقي ڏانهن امدادي ٽيمون روانيون ڪيون ويون آهن

نئين دهلي (م ڊ) ڀارتي رياست اتراکنڊ ۾ 5 پانڌيئڙن سميت 6 ڄڻن کي کڻي ويندڙ هيلي ڪاپٽر ڪِري تباهه ٿي ويو آهي. اتراکنڊ جي وڏي وزير پ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

آبناءِ هُرمُز پرسان حملي جو نشانو بڻيل جهاز مان 25 ڄڻن کي بچايو ويو

عماني سامونڊي فوج پاناما جي جهنڊي هيٺ هلندڙ هڪ واپاري جهاز جي 25 ڄڻن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪري ورتو

واقعو عمان جي علائقي مسندم جي سامونڊي ڪناري کان لڳ ڀڳ 1.6 ناٽيڪل ميل پري پيش آيو

مسقط (م ڊ) آبناءِ هرمز ويجهو حملي جو نشانو بڻجڻ کانپوءِ باهه لڳڻ سبب متاثر ٿيل جهاز مان 25 عملي جي ميمبرن کي بحفاظت ڪڍيو ويو آهي. ع/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪراچي جي شهرين جي ٽيڪس جي پئسي تي بدترين ڪرپشن ٿي رهي آهي: طحه احمد خان

چيئرمين پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي نثار کهڙو کي ڪي ايم سي جي مبينا بي ضابطگين تي خط لکيو

ڪي ايم سي جي 188 ترقياتي اسڪيمن جي 7.5 ارب رپين جي استعمال جي جاچ ڪرائي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي پارلياماني ليڊر ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ رڪن پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي طحه احمد خان چيئرمين پبلڪ اڪائو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون لاءِ موڪليل کيپ ۾ وڏي پيماني تي غلط بياني جو انڪشاف

ڊائريڪٽوريٽ ٽرانزٽ ٽريڊ آپريشنز ڪراچي ۽ ڪليڪٽريٽ ڪسٽمز اپريزمينٽ جي گڏيل چڪاس دوران سامهون آيو

ڄاڻايل ڪنسائنمنٽ پشاور ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون رسالپور موڪلي پئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون لاءِ موڪليل کيپ ۾ وڏي پيماني تي غلط بياني جو انڪشاف ٿيو. هي انڪشاف ڊائريڪٽ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڪراچي ۾ جعلي دوائون ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ وارن خلاف هڪ مهيني دوران ٻي وڏي ڪارروائي

نارٿ ڪراچي ضلعي وچولي ۾ ايل سي ڪيئر فارما جون 9 دوائون ليبارٽري ٽيسٽ کان پوءِ جعلي قرار

ڄاڻايل دوائون ٻارن ۽ وڏن جي ڪن جي سور جي علاج لاءِ استعمال ڪيون پئي ويون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ جعلي دوائون ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ وارن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي، هڪ مهيني دوران ٻي وڏي ڪارروائي ۾ نارٿ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: ايس بي سي اي جي اپليٽ ڪميٽي جي اجلاس جو ڏيک

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه سان مير افسردين ٽالپور جي سربراهي ۾ وفد ملاقات ڪندي

ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروري بجلي واهپيدارن لاءِ ڏکيا ثابت ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد (بيورو) ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروري جا مهينا بجلي واهپيدارن لاءِ مهانگا ثابت ٿيڻ جو امڪان/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

پاڪستان ۾ سون هزارين رُپيا لهي ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ سون جي اگهه ۾ وڏي لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيم/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

اسلام آباد پوليس جي 10 ڊي ايس پيز جي ايس پي طور ترقي

وفاقي گهرو کاتي جي سيڪريٽري جي منظوري بعد سيڪشن آفيسر خواجا حميل معين ڪوريجا جي صحيح سان 30 آڪٽوبر تي نوٽيفڪيشن جاري

ايس پي طور ترقي ماڻيندڙن ۾ طارق محمود، خالد محمود اعوان، ارشاد علي ابڙو، ساجد عباس، بشارت علي، محمد سرفراز، فياض احمد، اسدالله منگي، اڪرم علي سومرو ۽ سعادت علي ابڙو شامل

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گادي واري پوليس ۾ گريڊ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ڪراچي ۾ جعلي پوليس مقابلو ثابت، اهلڪار کي موت جي سزا

ماڊل ڪرمنل ڪورٽ اوير گلستان جوهر ۾ جعلي پوليس مقابلي دوران نوجوان جي مارجڻ واري ڪيس جو فيصلو

عدالت ڪيس ۾ شامل ٻين ٻن پوليس اهلڪارن ناصر ۽ فيصل کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي عدالت جعلي پوليس مقابلي ۾ نوجوان کي قتل ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پوليس اهلڪار شهريار کي موت جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

مشهور ايڪسچينج بائننس کي مبينا طور تاريخ جي سڀ کان وڏي سائبر حملي کي منهن ڏيڻو پيو

اسلام آباد (بيورو) ڪرپٽو ڪرنسي جي مشهور ايڪسچينج بائننس کي مبينا طور تاريخ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ڏکئي وقت ۾ مولانا ن ليگ سان گڏ هيو: راڻا ثناءُ الله

سياسي پارٽين وچ ۾ اهڙي قسم جون صورتحالون پيدا ٿينديون رهنديون آهن، ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهه ناهي

پارٽي اندر اهڙائي ڪوشش ڪئي ويندي ته هڪٻئي خلاف سخت ٻولي ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو وڃي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف جي سياسي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر قومي اسيمبلي ۾ ويٺل آهي

ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ ترقياتي رٿائن تي ڪم جاري آهي: شرجيل انعام ميمڻ

بنيادي ڍانچي، روڊن، ٽرانسپورٽ، نيڪال جي نظام ۽ شهري سهولتن جي بهتري لاءِ مختلف رٿائون شروع ڪيون ويون آهن. حڪومت جي ڪوشش آهي ته ڪراچي کي هڪ جديد شهر بڻائڻ لاءِ سمورا ترقياتي ڪم گڏيل رٿابندي تحت اڳتي وڌايا وڃن

پورٽ قاسم کان ايم نائن موٽروي تائين لنڪ روڊ، ريڊ لائين ۽ ييلو لائين بي آر ٽي سميت اهم رٿائن تي تيزيءَ سان ڪم جاري آهي

ڪراچي پورٽ کان قيوم آباد تائين تجويز ڪيل ايليويٽيڊ ايڪسپريس وي پڻ شهر جي صنعتي ۽ واپاري سرگرمين لاءِ هڪ اهم منصوبو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ ترقياتي رٿائن تي ڪم جاري آهي، بنيادي ڍانچي، روڊن، ٽرانسپورٽ، نيڪال جي نظام ۽ شهري سهولتن جي بهتري لاءِ مختلف رٿائون شروع ڪيون ويون آهن. حڪومت جي ڪوشش آهي ته ڪراچي کي هڪ جديد شهر بڻائڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

صوبائي وزير ناصر شاهه جو اسڪيم 33 ۾ آءِ بي سومرو روڊ تي تعمير هيٺ نالي جو دورو

(ڪي ڊي اي) جو ڊائريڪٽر جنرل زين العابدين انصاري، واٽر بورڊ جو چيف آپريٽنگ آفيسر اسد الله خان ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود

دوري دوران صوبائي وزير نالي جي تعمير ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

نالي جي فوري طور مرمت ڪرائي وڃي ۽ تعميراتي ڪم جي معيار کي بهتر بڻايو وڃي. ناصر حسين شاهه

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه اسڪيم 33 ۾ آءِ بي سومرو روڊ تي تعمير هيٺ نالي جو دورو ڪيو ۽ تعميراتي ڪم جي معيار جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

پاسپورٽ فيس ۾ گهٽتائي جي ڪا به تجويز زير غور ناهي: گهرو وزارت

گذريل پنجن سالن دوران پاسپورٽ فيس جي مد ۾ 219 ارب 93 ڪروڙ 10 لک رپيا وصول ڪيا ويا

سينيٽ جو اهم اجلاس سينيٽر شهادت اعوان جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ تفصيل سينيٽ ۾ پيش ڪيا ويا

پاسپورٽ فيس جي مد ۾ سال ٻه هزار ايڪويهه ۾ 21 ارب 61 ڪروڙ 80 لک رپيا ۽ ٻه هزار ٻاويهه ۾ 34 ارب 49 ڪروڙ 50 لک رپيا وصول ٿيا: طلحه محمود

اسلام آباد (بيورو) گهرو وزارت چيو آهي ته پاسپورٽ فيس ۾ گهٽتائي جي ڪا به تجويز زير غور ناهي. گذريل پنجن سالن دوران پاسپورٽ فيس جي مد ۾ 219 ارب 93 ڪروڙ 10 لک رپيا وصول ڪيا ويا سينيٽ جو اهم اجلاس سين/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

مسلم اقليتن لاءِ عالمي پليٽ فارم قائم ڪيو وڃي: حافظ نعيم الرحمان

فلسطين ۽ ڪشمير جي تڪرارن تي قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ واضح پاليسي جي ضرورت آهي

مسلم اقليتن لاءِ عالمي پليٽ فارم قائم ڪيو وڃي، اسلامي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ جو خاتمو گڏيل تعاون ۽ گڏيل مفادن جي تحفظ سان ئي ممڪن آهي

يهوديتمسلمامت جي اختلافن مان فائدو وٺي مسلمانن کي هڪ ٻئي خلاف بيهارڻ چاهي ٿي

مسلمان اسڪالرز جي ذميواري آهي ته هو مسلم عوام ۽ حڪمرانن کي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ واضح لائحه عمل ڏين

استنبول (م ڊ) استنبول ۾ اتحاد العالمي للعلما المسلمين جي انتظام هيٺ ٻن ڏينهن واري بين الاقوامي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته فلسطين ۽ ڪشمير جي تڪرارن تي قرآن ۽ سنت جي روشني ۾ واضح پاليسي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي پرڏيهي سفيرن سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي

ملڪي نظام صوبن سبب نه پر بدانتظامي ۽ ڪرپشن جي ڪري تباهه ٿيو آهي: غلام مرتضيٰ جتوئي

نوشهروفيروز (رپورٽر) نيشنل پيپلز پارٽي جي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي چيو آهي ته ملڪ جون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ايم ڪيو ايم جي ڪا به حيثيت ناهي، پيپلز پارٽي سنڌ جي ورهاڱي جو فيصلو نٿي ڪري سگهي: گل محمد جکراڻي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي گل محمد جکراڻي چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي ڪا به حيثيت ناهي ۽ اردو ڳالهائي/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ماڊل ڪرمنل ڪورٽ ايسٽ گلستان جوهر ۾ جعلي پوليس مقابلي دوران نوجوان عامر جي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پوليس اهلڪار شهريار کي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) ماڊل ڪرمنل ڪورٽ ايسٽ گلستان جوهر ۾ جعلي پوليس مقابلي دوران نوجو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

پاڪستان هيپاٽائيٽس سي جي مريضن جي عالمي رينڪنگ ۾ سرفهرست

پاڪستان هيپاٽائيٽس سي سبب موت ۾ سرفهرست 10 ملڪن ۾ شامل آهي

وزارت قومي صحت هيپاٽائيٽس بابت رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان هيپاٽائيٽس سي جي مريضن جي عالمي رينڪنگ ۾ سرفهرست تي وئي پاڪستان هيپاٽائيٽس سي سبب موت ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پاڪستان ۾ ذهني مريضن جو انگ 3 ڪروڙ 20 لک 40 هزار کان وڌي ويو

2023ع تائين اسلام آباد ۾ ذهني صحت جي مسئلن ۾ مبتلا ماڻهن جو انگ 3 لک هو

پنجاب ۾ 406، سنڌ ۾ 228، خيبرپختونخواهه ۾ 122 ۽ بلوچستان ۾ 44 نفسياتي ماهر رجسٽرڊ آهن

قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيل انگن اکرن ۾ ملڪ اندر ايڊز جي مريضن جو انگ 3900 ڄاڻايو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۾ ذهني صحت جي مسئلن ۾ مبتلا ماڻهن جو انگ 3 ڪروڙ 20 لک 40 هزار کان وڌي ويو آهي. جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ رجسٽرڊ نفسياتي ماهرن جو انگ رڳو 1050 آهي. صحت واري وزارت طرفان قومي اسيمبل/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
چنڇر31 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 19جمادي الاول 1448ھ

اقتدار جي سياست ۽ عوام جا وساريل مسئلا

ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال تي نظر وجهجي ته محسوس ٿئي ٿو ته پاڪستان جي سياست اڃا تائين عوام جي بنيادي مسئلن کان وڌيڪ اقتدار، اختيارن، سياسي اتحاد، مخالفت ۽ ذاتي بيان بازيءَ جي چوڌاري ڦري رهي آهي. پارليامينٽ، جيڪا ڪنهن به جمهوري ملڪ ۾ عوام جي آواز، حقن جي تحفظ ۽ حڪمرانن جي احتساب جو اهم ترين ادارو هوندي آهي، اتي به بحثن جو وڏو حصو سياسي چڪتاڻ، هڪ ٻئي تي الزامن ۽ اقتدار جي معاملن تي خرچ ٿي رهيو آهي. ٻئي طرف عام ماڻهو مهانگائي، بيروزگاري، بجليءَ ۽ گئس جي وڌندڙ بلن، علاج جي اڻهوند، تعليم جي خراب صورتحال ۽ روزگار جي کوٽ جهڙن مسئلن ڪي منهن ڏئي رهيو آهي. عوام جنهن اميد سان پنهنجا نمائندا چونڊي ايوانن تائين پهچائي ٿو ان اميد جو بنيادي مقصد اهو هوندو آهي ته سندس زندگيءَ ۾ آساني پيدا ٿيندي، انصاف ملندو ۽ حڪومتي پاليسين ۾ عام ماڻهوءَ جي ضرورتن کي اوليت ڏني ويندي، پر جڏهن سياسي بحث عوامي مسئلن بدران اقتدار جي حصيداري ۽ هڪ ٻئي کي هيٺ ڏيکارڻ تائين محدود ٿي وڃن ٿا ته جمهوري نظام بابت سوال پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي. پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ مخالف ڌر کي پارلياماني ڪميٽين ۾ واپس اچڻ جو مشورو ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن مخالف ڌر پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ چاهي ٿي ته ان کي پنهنجا ميمبر ڪميٽين ۾ شامل ڪرڻ گهرجن. سندس چوڻ موجب فنانس ڪميٽي ۾ مخالف ڌر جي غيرموجودگي پارليامينٽ کي ڪمزور ڪيو آهي، جڏهن ته حڪومت سان گڏ مخالف ڌر کي به پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اصولي طور تي اها ڳالهه اهم آهي ته پارليامينٽ جي مضبوطيءَ لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻنهي کي پنهنجون ذميواريون ادا ڪرڻ گهرجن. جمهوري نظام ۾ مخالف ڌر جو ڪردار رڳو حڪومت تي تنقيد ڪرڻ نه، پر قانون سازي، بجيٽ جي جاچ، عوامي خرچن جي نگراني، سڌارن ۽ حڪومتي فيصلن جي احتساب ۾ عملي حصو وٺڻ به آهي. پارلياماني ڪميٽيون اهڙا فورم آهن، جتي حڪومتي پاليسين جي تفصيلي جاچ ڪري سگهجي ٿي، عوام جي مسئلن کي بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو ۽ اهڙيون سفارشون پيش ڪري سگهجن ٿيون، جيڪي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ حقيقي تبديلي آڻي سگهن. جيڪڏهن مخالف ڌر انهن فورمن کان پري رهي ٿي ته ان سان حڪومت کي جوابده بڻائڻ جو هڪ اهم رستو محدود ٿي وڃي ٿو پر ساڳئي وقت حڪومت جي ذميواري به گهٽ نٿي ٿئي. حڪومت کي به اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته هوءَ اختلاف راءِ کي برداشت ڪري ٿي، مخالف ڌر کي مناسب موقعو ڏئي ٿي ۽ پارليامينٽ کي رڳو پنهنجي فيصلن جي منظوريءَ جو ادارو نٿي بڻائي. بلاول ڀٽو زرداريءَ جو اهو سوال به غور طلب آهي ته جيڪڏهن چونڊ سڌارن لاءِ ڪميٽي ٺاهي وڃي ۽ مخالف ڌر ان ۾ حصو نه وٺي ته پوءِ اهڙي ڪميٽيءَ جو ڪهڙو فائدو؟ پر ان سان گڏ اهو به ڏسڻ ضروري آهي ته مخالف ڌر پارلياماني ڪميٽين کان پري ڇو آهي، ان جا خدشا ڪهڙا آهن ۽ حڪومت انهن خدشن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪهڙا قدم کنيا آهن. جمهوري نظام ۾ رڳو هڪ ڌر کي ذميوار قرار ڏيڻ بدران سڀني ڌرين کي پنهنجي روين جو جائزو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن حڪومت سنجيده آهي ته ان کي مخالف ڌر سان ڳالهين جا دروازا کليل رکڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن مخالف ڌر واقعي عوامي مفادن جي نمائندگيءَ جي دعويدار آهي ته ان کي به پنهنجي پارلياماني ذميواريءَ کان پاسو نه ڪرڻ گهرجي. آخرڪار پارليامينٽ ڪنهن هڪ پارٽيءَ جي ملڪيت ناهي، پر اها سڄي ملڪ جي عوام جي نمائندگي ڪندڙ ادارو آهي. ان ۾ ٿيندڙ هر بحث، هر قانون ۽ هر مالي فيصلي جو اثر عام ماڻهن جي زندگيءَ تي پوي ٿو. افسوس جو اسان جي سياسي ماحول ۾ عوامي مسئلن تي گڏ ٿيڻ بدران اختلافن کي وڌائڻ جو رجحان وڌيڪ نظر اچي ٿو. حڪومت ۽ مخالف ڌر جا اڳواڻ هڪ ٻئي تي تنقيد ڪرڻ وقت تيز لفظ استعمال ڪن ٿا، پر جڏهن ڳالهه غريب جي گهر جي خرچ، نوجوان جي بيروزگاري، پورهيت جي اجرت، هارين جي فصل جي مناسب اگهه، مريض جي علاج ۽ ٻارن جي تعليم تي اچي ٿي ته اهي مسئلا سياسي ترجيحن ۾ پوئتي رهجي وڃن ٿا. ملڪ جي معاشي حالتن ۾ عام ماڻهوءَ لاءِ مهانگائي رڳو انگن اکرن جو مسئلو ناهي، پر اها روزاني زندگيءَ جي هڪ سخت حقيقت آهي. محدود آمدنيءَ وارو خاندان جڏهن بجليءَ جو بل، گهر جو ڪرايو، ٻارن جي اسڪول جي فيس، دوائون ۽ کاڌي پيتي جون شيون خريد ڪرڻ لاءِ پريشان هجي ته ان لاءِ سياسي بيانن جي اهميت ان وقت تائين محدود رهندي، جيستائين انهن بيانن جو نتيجو عملي رليف جي صورت ۾ سامهون نٿو اچي. اهڙي صورتحال ۾ سياسي قيادت جو فرض آهي ته بجيٽ ۽ مالي پاليسين تي بحث کي عوام جي معاشي حالت سان ڳنڍي. فنانس ڪميٽيءَ ۾ موجودگيءَ جو اصل مقصد به اهو هجڻ گهرجي ته سرڪاري آمدني ۽ خرچن جو جائزو ورتو وڃي، غيرضروري خرچن جي نشاندهي ڪئي وڃي، عوام تي وڌندڙ مالي بار کي گهٽائڻ لاءِ تجويزون ڏنيون وڃن ۽ پڪ ڪئي وڃي ته سرڪاري وسيلن جو استعمال شفاف ۽ منصفاڻو هجي. جيڪڏهن پارليامينٽ جا ميمبر انهن معاملن تي گڏجي ڪم ڪن ته اختلافن جي باوجود به عوام لاءِ بهتر فيصلا ممڪن بڻجي سگهن ٿا. ٻئي طرف سينيٽ ۾ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ جي يو آءِ (ف) جي اڳواڻن وچ ۾ ٿيندڙ سخت بيان بازيءَ به ملڪ جي سياسي ماحول بابت ڪيترائي سوال پيدا ڪيا آهن. محسن نقوي مولانا فضل الرحمان ۽ سندس جماعت تي تنقيد ڪندي الزام لڳايو ته حڪومت ۾ حصو ۽ مالي فائدا ملڻ تائين رياست کي پنهنجو سمجهيو وڃي ٿو، جڏهن ته هنن اسلام کي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ جو به الزام هنيو. ان جي جواب ۾ جي يو آءِ (ف) جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيو ته گهرو وزير ذاتي ايجنڊا کڻي ايوان ۾ آيو ۽ سندس بيان ايوان جي تقدس جي خلاف هو. هن مختلف عهدن تي محسن نقوي جي مقرريءَ تي به تنقيد ڪئي ۽ الزام لڳايو ته سياسي مخالفن کي مولانا خلاف ڳالهائڻ لاءِ چيو پيو وڃي. اهي بيان ۽ الزام سياسي ڌرين جي وچ ۾ وڌندڙ بي اعتماديءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. پر اهڙي بحث ۾ هڪ اهم سوال اهو آهي ته ڇا ملڪ جي اعليٰ ايوانن ۾ عوام جي مسئلن تي ايتري ئي سنجيدگيءَ سان ڳالهه ڪئي پئي وڃي، جيتري سياسي شخصيتن جي ذاتي اختلافن تي ڪئي وڃي ٿي؟ سينيٽ ۽ قومي اسيمبليءَ جا اجلاس عوام جي ٽيڪسن مان هلن ٿا ۽ انهن ايوانن ۾ موجود نمائندا عوام جي ووٽن ۽ اعتماد سان اتي پهچن ٿا. تنهن ڪري انهن تي لازم آهي ته ايوانن کي ذاتي دشمني، طنز، الزام تراشي ۽ سياسي انتقام جو ميدان بڻائڻ بدران دليل، پاليسي ۽ قانون سازيءَ جا مرڪز بڻائين. ڪنهن به سياسي اڳواڻ تي تنقيد ڪرڻ جمهوري حق آهي، پر تنقيد جو معيار دليل، ثبوت ۽ ذميوار ٻولي هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن شخص يا جماعت خلاف ڪرپشن، اختيارن جي ناجائز استعمال يا عوامي وسيلن جي غلط استعمال جا الزام آهن ته انهن جي جاچ قانون موجب ٿيڻ گهرجي. ڪنهن به ڌر کي سياسي وابستگيءَ جي بنياد تي قانون کان مٿانهون نه سمجهڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت ڪنهن تي الزام لڳائڻ سان ئي ڪيس ڏوهاري قرار ڏيڻ به انصاف جي اصولن جي خلاف آهي. قانون سڀني لاءِ برابر هجڻ گهرجي، چاهي اهو حڪمران هجي، مخالف ڌر جو اڳواڻ هجي يا ڪو سرڪاري عملدار. محسن نقوي ۽ ڪامران مرتضيٰ جي بيانن ۾ هڪ ٻئي خلاف سخت لفظ استعمال ڪيا ويا، پر ملڪ جي عوام کي اهڙي بيان بازيءَ مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿيو؟ ڇا ان سان مهانگائي گهٽجي وئي، بيروزگارن کي نوڪريون مليون، اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ ختم ٿي يا عام ماڻهوءَ کي انصاف جي فراهميءَ ۾ ڪا بهتري آئي؟ انهن سوالن جا جواب سياسي بيانن بدران عملي ڪارڪردگيءَ ۾ ڳولڻ گهرجن. ان سان گڏ مذهبي جذبن ۽ رياست جي تصور کي به سياسي مفادن جي جنگ ۾ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اسلام جو نالو وٺڻ يا ڪنهن جماعت تي مذهب کي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ جو الزام هڻڻ انتهائي حساس معاملو آهي، جنهن ۾ ذميواري ۽ احتياط ضروري آهي. مذهبي جماعتن کي به پنهنجي سياسي عمل ۽ فيصلن بابت عوام آڏو جوابده هجڻ گهرجي، جڏهن ته حڪومتي عهديدارن کي به مخالفن تي تنقيد ڪندي اهڙي ٻولي اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪا ايوان جي وقار ۽ سماجي هم آهنگيءَ کي برقرار رکي. اختلاف راءِ جمهوريت جو حسن آهي، پر اختلاف کي دشمنيءَ ۾ تبديل ڪرڻ سان نه رڳو سياسي ماحول خراب ٿئي ٿو، پر عوام جو ادارن تي اعتماد به ڪمزور ٿئي ٿو. ملڪ جي موجوده صورتحال ۾ سياسي ڌرين کي اهو سمجهڻ گهرجي ته رياست ڪنهن هڪ جماعت، حڪومت يا اڳواڻ جو نالو ناهي. رياست عوام، آئين، قانون ۽ ادارن جي گڏيل نظام جو نالو آهي. عوام رياست سان وفاداريءَ جو اظهار تڏهن وڌيڪ اعتماد سان ڪندو، جڏهن کيس تحفظ، انصاف، روزگار، تعليم، علاج ۽ بنيادي سهولتون ملنديون. جيڪڏهن عام ماڻهو ٿاڻي تي انصاف لاءِ دربدر ٿئي، اسپتال ۾ علاج لاءِ پريشان هجي، عدالتن ۾ سالن تائين ڪيس هلن، نوجوان ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود بيروزگار رهن ۽ غريب خاندان ٻن وقتن جي ماني لاءِ جدوجهد ڪن ته پوءِ رياست جي ذميواري آهي ته انهن مسئلن جي حل لاءِ سنجيده قدم کڻي. عوام کي رڳو حب الوطنيءَ جا سبق ڏيڻ يا سياسي مخالفن تي ملڪ دشمنيءَ جا الزام هڻڻ ڪافي ناهي؛ رياست جي طاقت جو اصل ثبوت اهو آهي ته اها پنهنجي شهرين جي جان، مال، عزت ۽ حقن جو تحفظ ڪري. اهڙي ريت حڪومت ۽ مخالف ڌر جي وچ ۾ سياسي اتحاد يا اختلاف جو معيار به عوامي مفاد هجڻ گهرجي، نه ڪي اقتدار ۾ حصي، عهدن يا ذاتي فائدن جي ورهاست. جيڪڏهن سياسي پارٽيون رڳو حڪومت ٺاهڻ يا حڪومت ڪيرائڻ لاءِ گڏ ٿين ٿيون ته اهڙا اتحاد گهڻو وقت عوام جي اميدن تي پورا نٿا لهن. پر جيڪڏهن اهي

نيتن ياهو جي اقتدار لاءِ امتحان

مبصر

اسرائيل ۾ آڪٽوبر 2023ع ۾ حماس جي حملي کان پوءِ ٿيل عام چونڊن ۾ عرب سياسي جماعتن نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، جنهن ڪانپوءِ هاڻي ڪنيسٽ ۾ سندن نمائندگي 19 سيٽن تائين پهچي وئي آهي. ايتري وڏي ڪاميابيءَ باوجود اڃا اها ڳالهه طئي ناهي ٿي سگهي ته عرب جماعتن مان ڪا هڪ يا ٻئي پارٽيون نئين اتحادي حڪومت جو حصو بڻجي سگهنديون يا ڪين حڪومتي معاملن ۾ ڪو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملندو. ان جي ابتڙ، وزيراعظم نيتن ياهو چونڊن جا نتيجا سامهون اچڻ شرط عرب جماعتن جي ڪاميابيءَ تي شڪ ظاهر ڪندي مٿن ڌانڌليءَ جا الزام هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. اسرائيل جي 120 رڪني پارليامينٽ ڪنيسٽ ۾ ڪنهن به سياسي ڌر يا اتحاد کي حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهربل واضح اڪثريت حاصل نه ٿي آهي. نيتن ياهو جي جماعت ليڪوڊ ۽ ان جي اتحادي پارٽين 53 سيٽون حاصل ڪيون آهن، جڏهن ته اڳوڻي آرمي چيف گادي آئزن ڪوٽ جي اڳواڻيءَ ۾ گذريل سال قائم ٿيل جماعت ياشار ۽ ان جي اتحاد کي 48 سيٽون مليون آهن. ٻئي طرف عرب جماعتن گڏيل طور 19 سيٽون حاصل ڪري اڳوڻن چونڊ نتيجن جي ڀيٽ ۾ پنهنجي پوزيشن وڌيڪ مضبوط ڪئي آهي. ان ڪاميابيءَ جو هڪ اهم سبب اسرائيل ۾ رهندڙ عرب ووٽرن جي وڌندڙ شرڪت کي قرار ڏنو پيو وڃي. عرب ووٽرن جي سياسي سرگرميءَ نيتن ياهو کي ايترو پريشان ڪيو جو هو پولنگ دوران پنهنجي حامين ۽ ساڄي ڌر جي ووٽرن کي وڏي انگ ۾ ووٽ وجهڻ لاءِ اپيلون ڪندو رهيو. ڪيس خدشو هو ته عرب نمائندن جي ڪاميابي صهيوني نظريي جي بالادستيءَ لاءِ مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿي. هاڻي ڌانڌليءَ جا الزام لڳائي عرب جماعتن جي ڪاميابيءَ کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان جي جواب ۾ نيتن ياهو جي مخالف گادي آئزن ڪوٽ جو چوڻ آهي ته وزيراعظم پنهنجي ناڪاميءَ تان ڌيان هٽائڻ ۽ چونڊن کي ڪالعدم قرار ڏيارڻ لاءِ ڌانڌليءَ جو شور مچائي رهيو آهي.

جيتوڻيڪ نيتن ياهو ۽ سندس اتحادين کي پارليامينٽ ۾ اڪثريت حاصل ناهي ٿي، پر ليڪوڊ جماعت 29 سيٽون کٽي سڀ کان وڏي سياسي پارٽي بڻجي وئي آهي. ان ڪاميابيءَ باوجود نيتن ياهو لاءِ حڪومت ٺاهڻ سولو ڪم نه هوندو. موجوده صورتحال ۾ عرب جماعتن کي حڪومت سازيءَ ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، ڇاڪاڻ ته سندن حمايت کان سواءِ ٻنهي وڏن سياسي اتحادين لاءِ اڪثريت حاصل ڪرڻ ڏکيو نظر اچي ٿو. پر نيتن ياهوءَ گادي آئزن ڪوٽ، ٻئي عرب جماعتن سان اقتدار ۾ ڀائيواري ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿا اچن. نيتن ياهو ته عرب جماعتن جي ڪاميابيءَ خلاف مهم هلائي رهيو آهي، جڏهن ته آئزن ڪوٽ به چونڊ مهم دوران عرب جماعتن سان گڏجي حڪومت ٺاهڻ جي تجويز کي رد ڪندو رهيو آهي. سندس جماعت ياشار 22 سيٽون حاصل ڪيون آهن، جڏهن ته ان جي اتحاد جون گڏيل سيٽون 48 آهن. سياسي حلقن طرفان آئزن ڪوٽ کي صلاح ڏني پئي وڃي ته هو نيتن ياهو کي اقتدار کان پري رکڻ ۽ اسرائيل ۾ نئين سياسي دور جي شروعات لاءِ عرب جماعتن سان ناهه ڪري، پر اڃا تائين ڪنهن به ڌر طرفان اهڙي اڳڀرائيءَ جو واضح اشارو نه مليو آهي. ان هوندي به ٻنهي سياسي ڌرين کي يقين آهي ته هو حڪومت ٺاهڻ لاءِ گهربل اڪثريت حاصل ڪري وٺنديون. ڪنيسٽ ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڪنهن به سياسي اتحاد کي عرب جماعتن سان ناهه ڪرڻو پوندو، يا وري مخالف ڌر جي ننڍين پارٽين مان ڪجهه کي پنهنجي پاسي آڻي اڪثريت حاصل ڪرڻي پوندي. سياسي تجزيه نگارن جو خيال آهي ته اهڙي سياسي جوڙ توڙ ۾ نيتن ياهو کي وڌيڪ تجربو حاصل آهي. هو 1996ع کان مختلف دورن ۾ ڪيترائي ڀيرا وزيراعظم چونڊجي چڪو آهي ۽ مجموعي طور 19 سال ملڪ جي حڪومت هلائي چڪو آهي. هو ڪنهن به صورت ۾ ٻيهر اقتدار حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. مٿس ڪرپشن جا سنگين الزام آهن ۽ اهو امڪان ظاهر ڪيو وڃي ٿو ته جيڪڏهن هو وزيراعظم نه بڻيو ته ڪيس جيل وڃڻو پئجي سگهي ٿو. اقتدار ۾ رهڻ دوران ڪيس عدالتي ڪارروائيءَ کان ڇوٽ حاصل رهڻ جو فائدو به ملي سگهي ٿو. اسرائيل ۾ ٿيل چونڊون به وڏي حد تائين نيتن ياهو جي شخصيت ۽ سياسي مستقبل جي چوڌاري ڦريون آهن. سندس مخالفت ۾ گادي آئزن ڪوٽ جي اڳواڻيءَ هيٺ گڏ ٿيل پارٽيون نيتن ياهو جي پاليسين ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ جي خواهشمند ناهن. پر اهي ڪيس 7 آڪٽوبر 2023ع تي حماس جي حملن جو ذميوار سمجهن ٿيون ۽ وزيراعظم جي عهدي لاءِ نااهل قرار ڏين ٿيون. ان جي ابتڙ نيتن ياهو جا حامي ڪيس اسرائيل جو نجات ڏيندڙ ۽ مضبوط، تجربيڪار اڳواڻ سمجهن ٿا.

چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ عرب جماعتون به نيتن ياهو جي اڳواڻيءَ ۾ حڪومت قائم ڪرڻ جي حمايت نٿيون ڪن. سندن لاڙو گادي آئزن ڪوٽ ۽ سندس جماعت ياشار ڏانهن وڌيڪ آهي. عرب سياسي قوتن ۾ ٻه ٻه اهم ڌڙا موجود آهن. رعام ۽ ان جون اتحادي جماعتون اسلام پسند سياسي ڌريون سڏجن ٿيون، جن کي ڪنيسٽ ۾ ڇهه سيٽون مليون آهن. ٻيو ڌڙو مختلف جماعتن جي گڏيل چونڊ اتحاد تي ٻڌل آهي، جنهن کي تازين چونڊن ۾ ڏهه سيٽون حاصل ٿيون آهن. هن اتحاد ۾ کاٻي ڌر جي سوچ رکندڙ پارٽيون شامل آهن. سياسي ۽ نظرياتي اختلافن جي باوجود عرب جماعتن جو گڏيل مقصد اسرائيل ۾ رهندڙ عرب شهرين جي ڀلائي، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ سندن سماجي حالتن ۾ بهتري آڻڻ آهي. عرب جماعتون فلسطين جي آزاد رياست جي حمايت ڪن ٿيون ۽ ٻن رياستن واري حل ذريعي فلسطين جو مسئلو حل ڪرڻ چاهين ٿيون. ان جي ابتڙ اسرائيل جا ٻئي وڏا سياسي اتحاد فلسطيني رياست جي قيام جا مخالف آهن ۽ ٻن رياستن واري حل کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اهڙي اختلاف سبب عرب جماعتن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ ٿيندڙ سياسي ڳالهين ۾ فلسطين جو سوال اهم تڪراري موضوع بڻجي سگهي ٿو. تنهن هوندي به، جيڪڏهن عرب جماعتون حڪومت سازيءَ لاءِ ڪنهن ڌر سان ناهه ڪن ٿيون، ته امڪان آهي ته سندن بنيادي ڌيان فلسطينين جي مجموعي حقن، آزاد فلسطيني رياست جي قيام يا غزه ۽ اولهه ڪناري جي صورتحال ۾ تبديليءَ بدران اسرائيل ۾ رهندڙ عرب شهرين جي معاشي ۽ سماجي مسئلن جي حل تي وڌيڪ هجي. عرب علائقن ۾ رستن، صحت، تعليم ۽ ٻين شهري سهولتن جي فراهمي به سندن اهم مطالبن ۾ شامل آهي. ان ڪري حڪومت سازيءَ بابت ڳالهين ۾ انهن مسئلن کي خاص اهميت حاصل ٿي سگهي ٿي.

عرب جماعتن جي هڪ اهم ڪوشش اها به هوندي ته نئين حڪومت ۾ اهڙن انتهاپسند اڳواڻن کي شامل ٿيڻ کان روڪيو وڃي، جيڪي مسلمانن ۽ فلسطينين لاءِ وڌيڪ سخت حالتون پيدا ڪرڻ جا حامي آهن. گڏيل عرب لسٽ جي اڳواڻ يوسف جبارين بي بي سي سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسرائيل ۾ رهندڙ عرب شهرين ان اميد سان ووٽ ڏنو ته قومي سلامتيءَ واري وزارت جي انتهاپسند وزير اتمار بين گوئير کي عهدي تان هٽائي سگهجي ۽ سندن روزمره جي زندگيءَ ۾ بهتري اچي. سندس چوڻ موجب، عرب آباديءَ ۾ ووٽ وجهڻ جي شرح وڌڻ جو هڪ اهم سبب بين گوئير کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي اميد هئي. جبارين سندس روين ۽ قدمن کي نسل پرست ۽ فاشسٽ قرار ڏيندي الزام هنيو ته هو مسلسل عرب برادريءَ کي اشتعال ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. تنهن هوندي به، بين گوئير کي هٽائڻ يا سندس اختيارن کي محدود ڪرڻ جو دارومدار به چونڊن کان پوءِ ٿيندڙ سياسي سوديبازيءَ تي هوندو. اصل سوال اهو آهي ته ڪهڙو سياسي اتحاد عرب ووٽرن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ سندن مطالبا مڃڻ تي راضي ٿئي ٿو. چونڊون مڪمل ٿيڻ باوجود اسرائيل ۾ نئين حڪومت جي قيام ۾ اڃا ڪافي وقت لڳي سگهي ٿو. لڳ ڀڳ ساڍا چار لک ووٽن جي ڳڻپ باقي آهي. جيتوڻيڪ انهن ووٽن سان مجموعي چونڊ نتيجن ۾ وڏي تبديلي اچڻ جو امڪان گهٽ آهي، پر ٻنهي سياسي اتحادين جي پوزيشن ۾ ڪجهه ڦيرڦار ممڪن آهي. حتمي نتيجن جو سرڪاري اعلان ٿيڻ کان پوءِ حڪومت ٺاهڻ لاءِ سياسي ڳالهين ۽ جوڙ توڙ جو باقاعده مرحلو شروع ٿيندو. نيتن ياهو ۽ سندس حامي ان مرحلي ۾ ڪاميابيءَ لاءِ پراميد آهن. ماضيءَ جي سياسي تجربن کي ڏسندي نيتن ياهو اقتدار برقرار رکڻ لاءِ مختلف سياسي ڌرين سان ناهه ڪرڻ ۽ پنهنجن اصولي موقفن ۾ لچڪ پيدا ڪرڻ کان به پاسو نه ڪندو رهيو آهي. تنهنڪري ايندڙ ڏينهن ۾ اسرائيل جي حڪومت سازيءَ جو فيصلو رڳو چونڊن ۾ حاصل ڪيل سيٽن تي نه، پر سياسي سوديبازي، عرب جماعتن جي مطالبن ۽ ننڍين پارٽين جي موقف تي به دارومدار رکندو.

عوامي رليف يا سياسي حڪمت عملي؟

پروفيسر اعجاز احمد قريشي

پاڪستان جي سياست ۾ عوامي مسئلن کي سياسي جدوجهد جو بنياد بڻائڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي، پر هر عوامي مسئلي کي سياسي تحريڪ جو مرڪز بڻائڻ جي پويان مقصدن کي سمجهڻ ضروري آهي. جماعت اسلاميءَ پاران پيٽروليم شين تي لاڳو ليوي ختم ڪرائڻ لاءِ احتجاج ۽ لانگ مارچ جو اعلان ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. جماعت جي امير حافظ نعيم الرحمان 15 نومبر کان تحريڪ شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن ته جماعت جا اڳواڻ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري چڪا آهن. بظاهر هيءَ مهم عوام کي مهانگائيءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ آهي، پر سوال اهو آهي ته جماعت اسلاميءَ جي سياسي ايجنڊا ۾ ٻين سنگين قومي مسئلن جي ڀيٽ ۾ پيٽروليم ليويءَ کي ايتري اهميت ڇو ڏني پئي وڃي؟ پيٽرول جا اگهه يقيناً عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿين ٿا، پر انهن کي مهانگائيءَ جو واحد سبب سمجهڻ معاشي حقيقتن کي محدود نظر سان ڏسڻ برابر آهي. شين جي پيداوار، ٽرانسپورٽ، زرعي خرچن، بجلي، صنعتن ۽ مارڪيٽ جي ٻين ڪيترن ئي عنصرن جو به قيمتن سان تعلق آهي. جيڪڏهن حڪومت پيٽروليم ليوي ختم ڪري ڇڏي، تڏهن به ضروري ناهي ته هر شيءَ جي قيمت ساڳئي تناسب سان گهٽجي وڃي. ان ڪري عوام کي رليف ڏيارڻ لاءِ رڳو هڪ محصول کي نشانو بڻائڻ بدران سڄي معاشي نظام جي خرابين کي درست ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ٻئي پاسي حڪومت جي مالي ذميوارين کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ملڪ جو انتظام هلائڻ، سرڪاري ملازمن جون پگهارون ادا ڪرڻ، صحت ۽ تعليم جون سهولتون فراهم ڪرڻ، ترقياتي منصوبا مڪمل ڪرڻ ۽ قرضن جون ادائگيون ڪرڻ لاءِ آمدني گهربل هوندي آهي. پاڪستان ۾ ٽيڪس نظام جي ڪمزورين سبب حڪومتون گهڻي وقت کان آمدني وڌائڻ جي مسئلي کي منهن ڏئي رهيون آهن. خاص طور تي وڌيڪ آمدني رکندڙ طبقن کان مناسب ٽيڪس وصول ڪرڻ ۽ ٽيڪس نيٽ کي وسيع ڪرڻ ۾ مسلسل ناڪاميون سامهون ايندڙ رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو مطالبو پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، پر ان سان گڏ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته حڪومت جي آمدنيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ کوٽ ڪيئن پوري ڪئي ويندي. جيڪڏهن اها رقم ڪنهن ٻئي محصول ذريعي وصول ڪئي ويندي، ته ڇا ان جو بار وري عام ماڻهن تي نه پوندو؟ جيڪڏهن حڪومت قرض وٺندي، ته ان جا اثر مستقبل جي معيشت تي پوندا. ۽ جيڪڏهن سرڪاري خرچ گهٽايا ويندا، ته ڪهڙيون سهولتون ۽ منصوبا متاثر ٿيندا؟ انهن سوالن کان سواءِ ليوي ختم ڪرڻ جو مطالبو مڪمل معاشي پاليسيءَ جي صورت اختيار نٿو ڪري سگهي. پيٽروليم ليوي وفاقي حڪومت جي آمدنيءَ جو هڪ اهم ذريعو آهي. ان جي مالي اهميت بابت مختلف انگ پيش ڪيا وڃن ٿا، پر اصل ڳالهه اها آهي ته ان کي ختم ڪرڻ سان سرڪاري خزاني تي ڪيترو بار پوندو. ان جو واضح حساب سامهون اچڻ گهرجي.

ان سان گڏ عالمي تيل جي منڊيءَ جي صورتحال کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. پاڪستان پنهنجي ضرورتن لاءِ عالمي منڊيءَ تي دارومدار رکي ٿو. تنهنڪري عالمي قيمتن، علائقائي تڪرارن، فراهميءَ ۾ رڪاوٽن ۽ مٽاسٽا جي شرح ۾ تبديلين جا اثر ملڪ جي معيشت تي پون ٿا. اهڙي حالت ۾ مقامي محصول ختم ڪرڻ سان پيٽرول جي قيمت ۾ ڪيتري گهٽتائي ايندي، اهو ٻين خرچن ۽ لاڳو ٽيڪسن تي به دارومدار رکي ٿو. جيڪڏهن في ليٽر هڪ سئو رپين تائين رليف ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي، ته ان کي سياسي نعري بدران مڪمل مالي حساب ڪتاب سان ثابت ڪرڻ گهرجي.

عوام کي وڏي رليف جي اميد ڏيارڻ ڪنهن به سياسي جماعت لاءِ مشڪل ڪم ناهي. ڏکيائي ان وقت پيدا ٿئي ٿي، جڏهن ان اميد کي حقيقت ۾ تبديل ڪرڻو پوي ٿو. جماعت اسلاميءَ کي به اهو واضح ڪرڻو پوندو ته ليوي ختم ڪرڻ سان حاصل ٿيندڙ رليف ڪيترو هوندو، اهو ڪيتري عرصي تائين برقرار رهي سگهندو ۽ حڪومت جي آمدنيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ فرق کي ڪيئن پورو ڪيو ويندو. جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب موجود ناهن، ته پوءِ عوامي جذبات کي متحرڪ ڪرڻ ۽ هڪ قابل عمل معاشي متبادل پيش ڪرڻ جي وچ ۾ فرق صاف نظر ايندو. جماعت اسلاميءَ جي احتجاجي سياست جو جائزو وٺندي ماضيءَ جي تحريڪن کي به سامهون رکڻ گهرجي. جولاءِ 2024ع ۾ اسلام آباد ۾ لڳ ڀڳ ٻن هفتن تائين ڌرڻو هنيو ويو. ان کان پوءِ به مختلف وقتن تي احتجاجن ۽ لانگ مارچن جا اعلان ٿيندا رهيا. ڪيترن ئي موقعن تي حڪومت سان ڳالهين، وزيراعظم سان ملاقاتن ۽ مسئلن جي حل لاءِ ڪميٽيون ٺاهڻ جي خاطريءَ کان پوءِ احتجاج ختم ڪيا ويا. هاڻي نومبر جي وچ کان نئين تحريڪ شروع ڪرڻ جي اعلان کان پوءِ ضروري آهي ته گذريل احتجاجن جي نتيجن جو به جائزو ورتو وڃي. ڇا انهن تحريڪن سان عوام جي زندگيءَ ۾ ڪو مستقل سڌارو آيو يا سياسي سرگرمين جو سلسلو جاري رهيو ۽ بنيادي مسئلا پنهنجي جاءِ تي برقرار رهيا؟

ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته پيٽروليم ليوي خلاف احتجاج غير ضروري آهي. مهانگائيءَ جي ڪري عام ماڻهوءَ جي گهريلو بجيٽ تي پوندڙ بار هڪ حقيقي مسئلو آهي. گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن لاءِ سفر، کاڌي پيتي جي شين، علاج ۽ ٻارن جي تعليم جا خرچ برداشت ڪرڻ ڏکيا ٿيندا وڃن ٿا. ان ڪري ڪنهن به سياسي جماعت جو اهڙن مسئلن تي آواز اٿارڻ پنهنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو. اصل سوال اهو آهي ته ڇا اها جماعت عوام کي عارضي رليف جي اميد ڏيڻ کان اڳتي وڌي معاشي ناانصافيءَ جي بنيادي سببن کي به پنهنجي سياست جو حصو بڻائي ٿي؟ اهڙي ئي تناظر ۾ ٻين سياسي جماعتن جي ڪردار کي به ڏسڻ گهرجي. جيڪڏهن جماعت اسلاميءَ جو مقصد واقعي عام ماڻهن کي رليف ڏيارڻ آهي، ته اها ٻين سياسي جماعتن، واپاري تنظيمن، مزدور يونينن ۽ سماجي ڌرين سان گڏجي هڪ گڏيل معاشي مطالبن جو پروگرام ڇو نٿي جوڙي؟ ساڳئي وقت ٻين جماعتن کي به اهو سوچڻ گهرجي ته عوام جي گڏيل مسئلن تي اختلافن کان مٿانهون ٿي گڏيل موقف اختيار ڪرڻ سندن ذميواري ڇو نه هجي.

هڪ طرف پيٽروليم ليويءَ جو بار گهٽائڻ عوام لاءِ رليف جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو، ته ٻئي طرف ان کي ختم ڪرڻ جي مالي نتيجن ۽ متبادل آمدنيءَ جي وسيلن بابت وضاحت به لازمي آهي. اهڙيءَ طرح احتجاج جي سياسي اهميت کان انڪار ڪرڻ درست نه ٿيندو، پر ان کي پائيدار عوامي ڪاميابيءَ جي ضمانت سمجهڻ به مناسب ناهي

. سو جماعت اسلاميءَ لاءِ اصل سوال اهو ناهي ته اها ڪيترا جلوس ڪڍي ٿي، ڪيترا ڏينهن ڌرڻو هڻي ٿي يا ڪيترا ڀيرا لانگ مارچ جو اعلان ڪري ٿي. اصل سوال اهو آهي ته ان جي جدوجهد عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪهڙي تبديلي آڻي ٿي. ڇا اها پيٽرول جي قيمتن ۾ حقيقي ۽ پائيدار گهٽتائيءَ لاءِ ڪو قابل عمل معاشي متبادل پيش ڪري سگهي ٿي؟ ڇا اها ٽيڪس نظام جي ناانصافين، سياسي آزاديءَ، جمهوري ادارن جي خودمختياري ۽ حڪومتي جوابدهيءَ بابت به ساڳي سنجيدگي ڏيکاري ٿي؟ ۽ ڇا اها ٻين سياسي قوتن سان گڏجي عوام جي گڏيل مسئلن جو حل ڳولڻ لاءِ تيار آهي؟ انهن سوالن جا جواب ئي جماعت اسلاميءَ جي موجوده مهم جي حقيقي اهميت واضح ڪندا. جيڪڏهن تحريڪ جو نتيجو عوام کي مستقل رليف ڏيارڻ ۽ معاشي ناانصافين کي گهٽائڻ جي صورت ۾ نڪري ٿو، ته اها هڪ مثبت سياسي ڪاميابي هوندي. پر جيڪڏهن احتجاج، ملاقاتن، واعدن ۽ نون اعلانن جو سلسلو جاري رهي ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪا نمايان تبديلي نه اچي، ته پوءِ ان تحريڪ جي اثرائتي هجڻ بابت سوال برقرار رهندا. عوام کي سياسي نعرن کان وڌيڪ اهڙي سياست جي ضرورت آهي، جيڪا مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ انهن جو عملي، منصفاڻو ۽ پائيدار حل به پيش ڪري.

بقايا *** 01

۽ دوستاڻن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم کي ورجايو. هن سال ٻئي ملڪ سفارتي لاڳاپا قائم ٿيڻ جي 60هين سالگرهه ملهائي رهيا آهن. وزيراعظم سنگاپور جي شاندار اقتصادي تبديلي، جدت ۽ ترقي جي شعبن ۾ حاصل ٿيندڙ ڪاميابين کي ساراهيو. هن ٻڌايو ته پاڪستان سنگاپور سان پنهنجي پائيداري کي ٻه طرفي ۽ آسيان پليٽ فارم ذريعي گهڻ طرفي سطح تي اهميت ڏئي ٿو. ڌرين ٻطرفي واپار ۽ سيڙپڪاري کي وڌائڻ ۽ ترجيحي شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جي طريقن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، جن ۾ ڊجيٽل معيشت، فن ٽيڪ، انفراسٽرڪچر جي ترقي، لاجسٽڪس، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ۽ خدمتن جا شعبا شامل آهن. انهن گڏيل طور تي لاڳاپائي اقتصادي تعاون لاءِ نوان رستا ڳولڻ ۽ عوام کان عوام جي رابطن کي وڌائڻ تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ٻنهي اڳواڻن علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ ٻطرفي ۽ گهڻ طرفي فورمن تي مسلسل تعاون جي عزم کي ورجايو.

بقايا *** 02

پڻ جي باضابطا دعوت ڏئي ڇڏي آهي. ذريعن موجب، محمود اڇڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس پي ٽي آءِ قيادت سان صلاح مشوري لاءِ وقت گهري ورتو آهي، جڏهن ته مخالف ڌر ڪميٽي ۾ شرڪت ڪرڻ جو اشارو ڏنو آهي. بلاول ڀٽو جي هدايت تي مخالف ڌر جي اڳواڻ محمود اڇڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس سان ڪجهه ڪلاڪن اندر پيپلز پارٽي جي وفد جي ٻي ملاقات ٿي، جنهن ۾ علامه راجا ناصر عباس چونڊن ۾ شفافيت کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ واري تجويز سان اتفاق ڪيو. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪميٽي 2024ع جي عام چونڊن، ننڍين چونڊن، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير جي چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين جو جائزو وٺندي. ڪميٽي ڌانڌلين جي ذميوارن جو تعين ڪري مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ قدم تجويز ڪندي، جڏهن ته شفاف چونڊون ڪرائڻ بابت سفارشون پڻ تيار ڪندي. ان موقعي تي شيري رحمان چيو ته مخالف ڌر جواب ڏيڻ لاءِ صلاح مشوري جو وقت گهريو آهي ۽ اميد آهي ته سندن طرفان هاڪاري جواب ملندو.

بقايا *** 03

وي ويان بالاڪرشنن جي اڄ ڪيو جو دورو ڪيو، جتي هن آرمي چيف، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ملاقات ڪئي. آءِ ايس پي آر موجب ملاقات دوران گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن، خطي ۽ عالمي سلامتيءَ جي بدلجندڙ صورتحال ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جي امڪانن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ علائقائي امن ۽ استحڪام بابت معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جڏهن ته گڏيل مفادن وارن شعبن ۾ مسلسل رابطن ۽ سهڪار جي اهميت تي زور ڏنو ويو. آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سنگاپور سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. هن چيو ته ادارن وچ ۾ رابطا ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه علائقائي امن، استحڪام ۽ سلامتيءَ لاءِ اهم آهن. آءِ ايس پي آر موجب سنگاپور جي پرڏيهي وزير پڻ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو. هن پاڪ فوج جي پيشورانه صلاحيتن کي ساراهيو ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جو اعتراف ڪيو.

بقايا *** 04

موجب فتنه الهندستان جي حملي خلاف موثر ۽ فوري ڪارروائي ڪندي 5 ڊرون ڪيرايا ويا دهشتگردن ضلعي خاران جي علائقي البٽ ۾ قائم چيڪ پوسٽ کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز بروقت رد عمل ۾ پنج ئي ڊرون هدف تائين پهچڻ کان اڳ ٿي تباهه ڪري ڇڏيا سيڪيورٽي ذريعن

وائي ڪندي پنج ئي ڊرون پنهنجي هدف تائين پهچڻ کان اڳ تباهه ڪري ڇڏيا. سيڪيورٽي ذريعن موجب واقعي ۾ ڪنهن به قسم جو جاني يا مالي نقصان نه ٿيو.

بقايا *** 07

وڌ آهي. سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پاليسي آهي ته اقليتي برادري کي ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو نه ڇڏيو وڃي، پر سندن مسئلن جي حل ۽ خوشين ۾ ڀرپور نموني سان شريڪ ٿيو. پاڪستان ۾ سمورن مذهبن جي ماڻهن کي پنهنجا مذهبي ۽ ثقافتي ڏڻ آزاديءَ سان ملهائڻ جو حق حاصل آهي. پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس (PNCA) ڪراچي ۾ هيپي ڊياري 2026ع جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته ڊياري هندو برادري جو سڀ کان وڏو ڏڻ آهي، جيڪو رڳو هڪ مذهبي تقريب نه، پر مائٽن، پيئرن، ٻارن، بزرگن، آبادگارن، مزدورن ۽ معاشري جي هر طبقي جي خوشين جو نالو آهي. ڊياري روشني، محبت ۽ اميد جو پيغام ڏئي ٿي ۽ اونداهين کي ختم ڪرڻ جي علامت آهي. هن چيو ته ڊياري جي موقعي تي هو پنهنجي طرفان، پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت، صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، آصفه ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر، وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين اڳواڻن طرفان هندو برادري کي مبارڪباد پيش ڪري ٿو. سنڌ ۾ صدين کان مختلف مذهبن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿيندا اچن ٿا. سنڌ جون صوفي روايتون، موهن جو دڙو ۽ هڙپا جي قديم تهذيب، سچل سرمست ۽ بابا گرو نانڪ جون تعليمات مذهبي رواداري ۽ انسان دوستي جو پيغام ڏين ٿيون. ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جمهوريت جو جيڪو ڏيئو روشن ڪيو هو، ان جا ثمراج به عوام کي ملي رهيا آهن. اڄ اقليتي برادري جا ماڻهو آزاد ماحول ۾ پنهنجا مذهبي ۽ ثقافتي ڏڻ ملهائي رهيا آهن، جيڪو جمهوري معاشري جو هڪ خوبصورت مثال آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه اقليتي برادري سان گڏ بيٺل رهي آهي.

بقايا *** 08

عملي کي پنهنجين ذاتي گاڏين تان سائي نمبر پليٽون، سرڪاري مونوگرام ۽ عدالتي لوگو هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. چيف جسٽس جي هدايت تي ان حوالي سان باقاعده سرڪيولر جاري ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ذاتي گاڏين تي سرڪاري عهدي يا منصب جي عڪاسي ڪندڙ نشانين جي استعمال کان به منع ڪئي وئي آهي. عدالتي سرڪيولر موجب ذاتي گاڏين تان نيريون بتيون، بيڪنز، فليشرز، مهرون ۽ غير مجاز اسٽيڪرز به هٽائڻا پوندا. سرڪيولر ۾ جعلي نمبر پليٽن ۽ سرڪاري عهدو ظاهر ڪندڙ ٻين نشانين جي استعمال تي به پابندي مڙهي وئي آهي. حڪم نامي ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته هدايتن تي عمل نه ڪندڙ گاڏين جو عدالتن ۾ داخل ٿيڻ بند ڪيو ويندو، جڏهن ته خلاف ورزي ڪندڙ گاڏي مالڪن خلاف قانوني ڪارروائي به عمل ۾ آندي ويندي. چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان جاري سرڪيولر ۾ ذاتي گاڏين تان سمورين غير قانوني شيون هٽائڻ لاءِ ست ڏينهن جي مهلت ڏني وئي آهي.

بقايا *** 09

ت کي ڦرڻ وارو جوابدار گرفتار ڪري ورتو. جوابدار ميٽريمونيل ايپ تي حسام الدين جي نالي سان جعلي سڃاڻپ ناهي رکي هئي. جوابدار شادي جو وعدو ڪري عورت کان 44 لک 50 هزار رپيا هڙپ ڪيا. جوابدار آن لائن بينڪ ٽرانسفر ذريعي عورت کان رقم وصول ڪندو رهيو. رقم هڙپ ڪرڻ کان پوءِ جوابدار عورت جون تبديل ٿيل تصويرون سوشل ميڊيا تي پکيڙڻ جون ڌمڪيون ڏنيون. اين سي سي آءِ اي چيو ته تصويرون وائرل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي وڌيڪ رقم هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ حسام ولد سليم جي نالي سان ٿي آهي. جوابدار خلاف پي اي

لاءِ ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن پرائمري جي آفيس ۾ رکي وئي آهي. سمورن لاڳاپيل نان ٽيچنگ اسٽاف ۽ جونيئر ڪلارڪن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي لسٽ ۾ پنهنجن نالن ۽ ذاتي ڪوائف جي چڪاس ڪن. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن ملازم کي سينارٽي لسٽ ۾ ڪنهن غلطي جي نشاندهي ڪرڻ يا ڪوائف جي درستگي ڪرائڻ جي ضرورت هجي ته اهو مقرر مدي اندر ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ لکت ۾ درخواست جمع ڪرائي. مقرر مدي جي پڄاڻيءَ کان پوءِ سينارٽي لسٽ کي حتمي شڪل ڏني ويندي.

بقايا *** 11

ٻڌايو پيو وڃي هاءِ ڪورٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اسان جو مطالبو آهي ته نورين نيازي تائين فيملي جي رسائي ڏني وڃي، اڄ به عدالت کي گذارش ڪئي آهي ته هن ڪيس کي اڄ ئي ٻڌو وڃي هن چيو ته هي 24 ڪروڙ انسان آهن ڪاڪروچ وانگر ٽريٽ نه ڪيو وڃي. اسان وٽ عدالتن کان سواءِ ٻيو ڪو به آپشن ناهي.

بقايا *** 12

۽ جمهوريت کي نقصان پهچائيندڙ قدمن کان پاسو ڪرڻ گهرجي پارليامينٽ هائوس ٻاهر ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ٻاهرين انتشار جو پوري قوم گڏجي مقابلو ڪندي آهي. اندروني انتشار ملڪ کي وڌيڪ نقصان پهچائيندو آهي بئريسٽر گوهر چيو ته ملڪ ۾ چڪتاڻ وڌائڻ بدران سياسي اڳواڻن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ملڪ ۾ تاءُ تمام گهڻو وڌي چڪو آهي. چڪتاڻ وڌيڪ نه وڌڻ گهرجي هن چيو ته اسان ريڊ لائن ڪراس ڪرڻ وارا ناهيون. اسان جو موقف آهي پاڪستان پهريان ۽ رياست پهريان. چيئرمين پي ٽي آءِ چيو ته سياسي قيادت ۽ جمهوريت کي نقصان پهچائيندڙ قدمن کان پاسو ڪرڻ گهرجي بئريسٽر گوهر چيو ته انتخاباتي سڌارن لاءِ حڪومت ۽ اپوزيشن جي نمائندگي جي برابر هجڻ گهرجي. انتخاباتي سڌارا غير جانبدار ۽ عوامي امنگن موجب هجڻ گهرجن

بقايا *** 13

ڪراچي، سينٽرل ضلعي ۾ ايل سي ڪيئر فارما جون 9 دوائون ليبارٽري ٽيسٽ کان پوءِ جعلي قرار ڏنيون ويون رپورٽ موجب جاچايل دوائون ٻارن ۽ وڏن جي ڪن جي سور جي علاج لاءِ استعمال ڪيون پئي ويون. جڏهن ته اکين جي مرهم، ڪريم، اسپري ۽ لوشن به جاچ دوران جعلي مليا ليبارٽري ۾ تجزيي دوران انڪشاف ٿيو ته سمورين 9 دوائن ۾ اصل دوا جا اثرائتا جزا گهربل مقدار ۾ موجود نه هئا وڌيڪ اهو ته دوائن جي پيڪٽن تي ڪمپني جو لائسنس نمبر ۽ دوائن جي رجسٽريشن جو نمبر به نه هوايل سي ڪيئر فارما خلاف قانوني ڪارروائي لاءِ ليبارٽري رپورٽس لاڳاپيل اختيارين کي اماڻيون ويون آهن اهي رپورٽس صوبائي انسپيڪٽر ڊرگز ڪراچي سينٽرل ۽ سيڪريٽري ڪوالٽي ڪنٽرول بورڊ سنڌ کي به موڪليون ويون آهن ته جيئن معاملي تي وڌيڪ قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي اختيارين موجب جعلي دوائن جي تياري ۽ وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائيون جاري رهنديون بروقت ڪارروائي جو مقصد مريضن کي غير اثرائتي ۽ جعلي دوائن جي استعمال کان محفوظ رکڻ آهي

بقايا *** 14

وريٽ ٽرانزٽ ٽريڊ آپريشنز ڪراچي ۽ ڪليڪٽريٽ ڪسٽمز اپريزمنٽ جي گڏيل چڪاس دوران سامهون آيو ڊائريڪٽر جنرل ٽرانزٽ ٽريڊ عرفان جاويد موجب جاچ دوران 68 ڪروڙ 80 لک رپين ماليت جو سامان پڪڙيو ويو آهي جاچايل ڪنسائنمنٽ پشاور ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون رسالپور موڪلي پئي وئي پر لاڳاپيل اختيارين مليل ڳجهي اطلاع تي ڪنسائنمنٽ جي چڪاس ڪئي ته ان ڳالهه جو انڪشاف ٿيو ته ڪسٽمز ڪاتي ۾ داخل ڪيل دستاويزن ۾ جن شين کي ظاهر ڪيو ويو آهي اهي شيون ڪنٽينر ۾ موجود ناهن ڪسٽمز ڪاتي ۾ داخل ڪيل گڊز ڊڪليئريشن ۾ مشين پريس پارٽس ظاهر ڪيو ويو هو پر چڪاس دوران ڪنٽينر مان لوڊ سيلز هٿ آيا اختيارين موجب

بقايا *** 15

نٽس ڪميٽي نثار کهڙو کي ڪي ايم سي جي مبينا بي ضابطگين تي خط لکيو آهي خط ۾ چيو ويو ته ڪي ايم سي جي 188 ترقياتي اسڪيمن جي 7.5 ارب رپين جي استعمال جي جاچ ڪرائي وڃي. هلندڙ مالي سال 15 کان 16 ارب رپين جي ترقياتي ٽينڊرن ۾ شفافيت يقيني بڻائي وڃي ۽ ڪي ايم سي جي ترقياتي اسڪيمن ۽ ٽينڊرنگ جي عمل جي سي ايم آءِ ٽي کان انڪوائري ڪرائي وڃي طحه احمد خان چيو ته ترقياتي ٺيڪن ۾ مبينا بي ضابطگين ۽ مداخلت جو تعين ڪيو وڃي. ترقياتي اسڪيمن تي اربين رپيا خرچ ٿيڻ جون دعوائون صرف ڪاغذن تائين محدود آهن. ترقياتي منصوبن جي نالي تي مخصوص ماڻهن جون کيسيون ڀريون پيون وڃن هن چيو ته ڪراچي جي شهرين جي ٽيڪس جي پئسي تي بدترين ڪرپشن ٿي رهي آهي، اربين رپيا خرچ ٿيڻ باوجود ڪراچي جا شهري ٽٽل ڀڄل رستن تي سفر ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪراچي جا عوام اڄ به بنيادي شهري سهولتن کان محروم آهن ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جا ملازم پينشن کان محروم آهن ڪرپشن ۽ بدانتظامي سبب ڪراچي جي شهرين جا حال بد کان بدتر ٿي رهيا آهن

بقايا *** 16

مان جي ميري ٽائيم سيڪيورٽي سينٽر موجب، عماني سامونڊي فوج پاناما جي جهنڊي هيٺ هلندڙ هڪ واپاري جهاز جي 25 ڄڻن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪري ورتو. برطانوي خبرو اداري رائٽرز موجب، واقعو عمان جي علائقي مسندم جي سامونڊي ڪناري کان لڳ ڀڳ 1.6 ناٽيڪل ميل پري پيش آيو. جتي جهاز کي نشانو بڻايو ويو. عمان جي ميري ٽائيم سيڪيورٽي سينٽر جمعي ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته بحري فوج مرڪز سان رابطي ۽ سهڪار ذريعي جهاز جي عملي کي ڪڍيو ۽ کين ضروري طبي سهولتون پڻ فراهم ڪيون. بيان ۾ حملي جي نوعيت، امڪاني ذميوارن يا جهاز جي موجودا صورتحال بابت وڌيڪ تفصيل جاري نه ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 17

شڪر سنگهه ڌامي موجب، هيلي ڪاپٽر چمولي ضلعي ۾ جوشي مٺ پرسان هڪ ڳوٺ وٽ ڪري تباهه ٿيو واقعي واري جابلو علائقي ڏانهن امدادي ٽيمون روانيون ڪيون ويون آهن. جڏهن ته هيلي ڪاپٽر ۾ سوار ماڻهن جي صورتحال بابت اڃا تائين ڪا تصديقي ڄاڻ سامهون ناهي آئي. رپورٽن موجب، هيلي ڪاپٽر جمعي جي منجهند هندوئن جي مقدس ماڳ بدرينات تان اڏام ڀري هئي، جنهن کان ڪجهه دير پوءِ ان جو رابطو ڪٽجي ويو. پرڏيهي ميڊيا موجب، اڃا تائين حادثي جو پتو نه پئجي سگهيو آهي جڏهن ته علائقي ۾ تيز برسات ۽ حد نظر گهٽ هجڻ جا اطلاع آهن. واضح رهي ته ان کان اڳ جون 2025ع ۾ ڪيدارنات پرسان ياترين کي کڻي ويندڙ هيلي ڪاپٽر حادثي جو شڪار ٿيو هو، جنهن ۾ 7 ڄڻا حياتي وڃائي ويٺا هئا. آڪٽوبر 2022ع ۾ پڻ ساڳئي ياترا واري رستي تي هيلي ڪاپٽر حادثي ۾ وڌيڪ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا هئا. 2025ع جي ياترا واري سيزن دوران به ڪيترائي هيلي ڪاپٽر حادثا رپورٽ ٿيا هئا، جنهن ڪانپوءِ هوابازي اختيارين حفاظتي جاچ سخت ڪري ڇڏي هئي ۽ ڪجهه اڏامن تي پابنديون به لاڳو ڪيون هيون.

بقايا *** 18

لاءِ سمورا ترقياتي ڪم گڏيل رٿابندي تحت اڳتي وڌايا وڃن. هڪ ٻين ۾ هن چيو ته پورٽ قاسم کان ايم نائن موٽروي تائين لنڪ روڊ، ريڊ لائين ۽ ييلو لائين بي آر ٽي سميت اهم رٿائن تي تيزيءَ سان ڪم جاري آهي. ڪراچي پورٽ کان قيوم آباد تائين تجويز ڪيل ايليويٽيڊ ايڪسپريس وي پڻ شهر جي صنعتي ۽ واپاري سرگرمين لاءِ هڪ اهم منصوبو آهي. جنهن سان بندرگاهه، صنعتي علائقن ۽ مک شاهراهن وچ ۾ رابطي کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ۾ جديد پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي

عوام تائين پهچائڻ آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي ملڪ جي معيشت جو اهم مرڪز آهي ۽ ان جي ترقي سڄي پاڪستان جي معاشي ترقي سان ڳنڍيل آهي. سنڌ حڪومت شهر جي بهتري ۽ شهرين کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ترقياتي منصوبن تي ڪم جاري رکندي.

بقايا *** 19

ته جنگ ڪهڙي طريقي سان ختم ٿيندي. آمريڪي ڪانگريس جي وچ مدي وارين چونڊن کان اڳ ڪنساس سٽي جي هڪ مقامي ريڊيو سان ڳالهائيندي ٽرمپ چيو ته معاملو جلد حل ٿي ويندو. هن جو چوڻ هو ته آمريڪا کي ان ڳالهه جي ضمانت گهرجي ته ايران ڪڏهن به جوهري هٿيار حاصل نه ڪري سگهي. واضح رهي ته ٽرمپ ان کان اڳ به چئي چڪو آهي ته آمريڪا چونڊون ڪرائڻ کان اڳ ايران تي حملو نه ڪندو

بقايا *** 20

ڳولين. هن ڪراچي ۾ ڊسيلينيشن پلانٽس لڳائڻ جي فني ۽ تجارتي امڪانن جو گڏيل جائزو وٺڻ لاءِ پرتگالي ڪمپنين کي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (KWSC) سان ڳنڍڻ جي تجويز ڏني. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ هن ملاقات ۾ پرتگال جي پوليٽيڪل آفيسر ڊيوڊ آرڪائو، ڪراچي ۾ پرتگال جي اعزازي ڪائونسل امين فاڪ ۽ وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل شرڪت ڪئي. ملاقات دوران ٻنهي ڌرين پاڻي جي وسيلن، توانائي، راندين، خاص ڪري فٽبال، ۽ سيڙپڪاري ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ڪراچي لاءِ ڊسيلينيشن منصوبا: پرتگالي سفير کي پليڪار چوندي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي پاڻي جي وڌندڙ گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ پائيدار حل ڳولي رهي آهي، ۽ ڊسيلينيشن هڪ اهم اختيار آهي جنهن تي غور ڪيو پيو وڃي. وڏي وزير چيو ته اسان ڪراچي جي عوام کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪرڻ ۽ صوبي جي توانائي جي چيلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ بين الاقوامي مهارت مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا. هن تجويز ڏني ته ڊسيلينيشن ٽيڪنالاجي ۾ مهارت رکندڙ پرتگالي ڪمپنين کي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن سان ڳنڍيو وڃي ته جيئن شهر ۾ ڊسيلينيشن پلانٽس قائم ڪرڻ جي امڪانن کي ڳولي سگهجي. مراد شاهه چيو ته پرتگالي ڪمپنيون ۽ ڪي وي ايس سي گڏجي فني ضرورتن، موجود ٽيڪنالاجيز، سيڙپڪاري جي ماڊلز ۽ امڪاني منصوبن جي فيزيبليٽي جو جائزو وٺي سگهن ٿا. وڏي وزير چيو ته پرتگال وٽ پاڻي جي انتظام ۽ ڊسيلينيشن ۾ قيمتي ٽيڪنالاجي مهارت آهي. اسان ان تجربي مان فائدو حاصل ڪري ڪراچي لاءِ پائيدار ۽ جديد واٽر سپلاءِ جا حل تيار ڪرڻ چاهيون ٿا. هن وڌيڪ چيو ته صوبائي حڪومت اهڙين بين الاقوامي شراڪتدارين جي حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ وڏي چاهه رکي ٿي جيڪي جديد ٽيڪنالاجيز کي متعارف ڪرائي سگهن. سروس جي فراهمي کي بهتر بڻائي سگهن ۽ ڪراچي جي پاڻي جي بنيادي ڍانچي کي مضبوط ڪري سگهن. توانائي جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جا موقعا ڳولڻ: وڏي وزير توانائي جي شعبي ۾ پرتگالي سيڙپڪاري جي موقعن تي پڻ بحث ڪيو خاص طور تي جديد ٽيڪنالاجي، فني تعاون ۽ نجي شعبي جي شراڪتداري ذريعي. هن سيڙپڪار ڪاتي کي هدايت ڪئي ته هو پرتگالي سفارتخاني سان رابطو قائم ڪري ۽ پرتگالي ڪمپنين سان سيڙپڪاري ۽ تعاون جي امڪاني شعبن کي ڳولي. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ بين الاقوامي سيڙپڪاري ۽ ٽيڪنالاجي شراڪتداري لاءِ کليل آهي جيڪا توانائي جي سيڪيورٽي، بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ پائيدار اقتصادي ترقي ۾ حصو وٺي سگهي ٿي. ٻنهي ڌرين عملي منصوبن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ڳالهين کي عملي تعاون ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ويجهو رابطو برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو. لياري جي نوجوانن لاءِ پرتگال جي فٽبال جي مهارت: راندين جي تعاون

لاءِ تعاون جي موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي ڌرين لياري جي مستقبل جي روشن نوجوان فٽبالرن لاءِ تربيتي پروگرامن، ڪوچنگ جي ڏي وٺ ۽ اڳتي وڌڻ جي موقعن لاءِ عملي انتظامن کي ڳولڻ تي اتفاق ڪيو. پرتگالي سفير پاران تعاون ۾ گهري دلچسپي جو اظهار: سفير پائولو ڊومينگوز مختلف شعبن، خاص ڪري پاڻي جي انتظام، ڊسيلينيشن، توانائي ۽ راندين ۾ سنڌ سان تعاون کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو. هن پرتگالي ڪمپنين لاءِ ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين حصن ۾ امڪاني منصوبن ۾ حصو وٺڻ ۽ پنهنجي ٽيڪنالاجي مهارت کي شيئر ڪرڻ جا موقعا ڳولڻ ۾ دلچسپي ڏيکاري. سفير پرتگالي ڪمپنين ۽ ڪي وي ايس سي جي وچ ۾ ڊسيلينيشن جي موقعن جو جائزو وٺڻ لاءِ سڌي سنئين رابطي قائم ڪرڻ جي تجويز کي پڻ جيءَ آيا چيو. هن ويجهي تعاون ۽ سيڙپڪاري جي رستن کي ڳولڻ لاءِ پرتگال جي آمادگي جو اظهار ڪيو ۽ گڏيل فائدي وارن قدمن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ادارتي رابطن کي برقرار رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا *** 21

آهي. ٽنهي مهينن دوران فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ ۾ 2 کان 3 پيرا واڌ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي. پاور ڊويزن جي ذريعن موجب سياري جي ٽنهي مهينن ۾ بجلي جي اگهن بابت صورتحال ڏکي ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ايل اين جي، ڪوئلي ۽ ٻين ٻارڻ جي عالمي اگهن ۾ واڌ سبب بجلي پيدا ڪرڻ جي لاڳت وڌي رهي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سياري دوران بجلي گهرڻ کي مقامي گئس جي فراهمي به وڏو مسئلو هوندي، ڇاڪاڻ ته سرديءَ ۾ گهريلو واهپيدارن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ به مقامي گئس ڪافي نه هوندي آهي. ان ڪانسواءِ سياري ۾ پن بجليءَ جي پيداوار تمام گهٽجي وڃڻ سبب بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ مهانگو ٻارڻ استعمال ڪرڻو پوندو، جنهن جو بار نيٽ بجلي واهپيدارن تي پوندو. ذريعن موجب عالمي مارڪيٽ ۾ ٻارڻ جا وڌندڙ اگهه به فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ ۾ واڌ جو سبب بڻجندا. گذريل مهينن دوران ٻن ڪلاڪن جي لوڊ مئنيجمينٽ سميت مختلف اپائن ذريعي فيول جي مد ۾ اضافي بار گهٽ رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر هاڻي عالمي مارڪيٽ ۾ ايل اين جي سميت ٻين ٻارڻ جا اگهه ڪافي وڌي ويا آهن.

بقايا *** 22

اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، اڄ ملڪ ۾ في تولو سون 5 هزار 100 رپيا لاٿ ڪانپوءِ 4 لک 20 هزار 536 رپين جو ٿي ويو آهي. ايسوسيئيشن جو چوڻ آهي ته 10 گرام سون 4 هزار 373 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 3 لک 60 هزار 541 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ به في اونس سون 51 ڊالر گهٽجڻ سان 3 هزار 980 ڊالرن جو ٿي ويو آهي.

بقايا *** 23

17 هين ۾ ڪم ڪندڙ 10 ڊي ايس پيز کي اڳئين گريڊ 18 هين ۾ بطور ايس پي ترقي ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي جي سفارش تي وفاقي گهرو ڪاتي جي سيڪريٽري جي منظوري بعد سيڪشن آفيسر خواجا حميل معين ڪوريجا جي صحيح سان 30 آڪٽوبر تي نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. ايس پي طور ترقي ماڻيندڙن ۾ طارق محمود، خالد محمود اعوان، ارشاد علي ابڙو، ساجد عباس، بشارت علي، محمد سرفراز، فياض احمد، اسدالله منگي، اڪرم علي سومرو ۽ سعات علي ابڙو شامل آهن.

بقايا *** 24

جي سي کان وڏي سائبر حملي کي منهن ڏيڻو پيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ لڳ ڀڳ 6.3 ارب ڊالر ماليت جا ڪرپٽو اثاثا متاثر ٿيا آهن پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب، حملي ڪانپوءِ بائننس مختلف بلاڪ چين پارٽنرز ۽ اسٽيبل ڪوائن ڪمپنين جي سهڪار سان فوري طور لڳ ڀڳ 3 ارب ڊالر ماليت

بقايا *** 25

سزا ٻڌائي ڇڏي. ڪراچيءَ جي ماڊل ڪرمنل ڪورٽ اوير گلستان جوهر ۾ جعلي پوليس مقابلي دوران نوجوان جي مارجڻ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي پوليس اهلڪار شهريار کي موت جي سزا جو حڪم ڏنو. عدالت ڪيس ۾ شامل ٻين ٻن پوليس اهلڪارن ناصر ۽ فيصل کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي. جڏهن ته ٽنهي جوابدارن کي مقتول جي وارثن کي 5-5 لک رپيا هرجاڻو ادا ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو. پراسيڪيوشن موجب شاهين فورس جي پوليس اهلڪارن گلشن اقبال ۾ عامر کي بيهڻ جو اشارو ڪيو. پر سندس نه بيهڻ تي پوليس اهلڪار سندس پيڇو ڪيو ۽ رهائشي فليٽ ۾ داخل ٿي مٿس فائرنگ ڪئي. پوليس اهلڪارن شروعاتي طور واقعي کي پوليس مقابلو ڄاڻايو هو. پر بعد ۾ جوابدار اهلڪارن خلاف 2022ع ۾ شاهراهه فيصل ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو.

بقايا *** 26

ته مولانا فضل الرحمان ڏکئي وقت ۾ مسلم ليگ (ن) سان گڏ بيٺا آهن. ڳالهائيندي رانا ثناءالله چيو ته سياسي پارٽين وچ ۾ اهڙي قسم جون صورتحالون پيدا ٿينديون رهنديون آهن. ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهه ناهي. پارٽي اندر اها ئي ڪوشش ڪئي ويندي ته هڪبئي خلاف سخت ٻولي ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو وڃي. هن چيو ته 28هين آئيني ترميم جو مسودو اڃا تائين حتمي نه ٿيو آهي. جڏهن ته اها ترميم پارليامينٽ ۾ پيش ٿيندي ته ان تي بحث ڪيو ويندو.

بقايا *** 27

واست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو درخواست منظور ٿيڻ جي صورت ۾ ڪراچي سميت ملڪ جي بجلي واهپيدارن تي مجموعي طور 32 ارب 66 ڪروڙ رپيا اضافي بار پوندو ٻڌڻي دوران سينٽرل پاور پرچيزنگ ايجنسي (سي پي پي اي) جي عملدارن ٻڌايو ته سيپٽمبر ۾ بجلي جي سراسري فيول لاڳت 10 رپيا 2 پئسا في يونٽ رهي، جڏهن ته هن مهيني لاءِ سراسري فيول لاڳت جو ڪاٿو 7 رپيا 46 پئسا في يونٽ لڳايو ويو هو سي پي پي اي موجب سيپٽمبر دوران بجلي جي پيداوار تي مجموعي لاڳت 127 ارب 87 ڪروڙ رپيا رهي

بقايا *** 28

جو ڊائريڪٽر جنرل زين العابدين انصاري، واٽر بورڊ جو چيف آپريٽنگ آفيسر اسد الله خان ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا. دوري دوران صوبائي وزير نالي جي تعمير ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ ٺيڪيدار جي چنڊ پٽي. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته نالي جي فوري طور مرمت ڪرائي وڃي ۽ تعميراتي ڪم جي معيار کي بهتر بڻايو وڃي. ناصر حسين شاهه واضح ڪيو ته ترقياتي ڪمن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي ۽ غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته تعميراتي ڪم ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪرڻ تي لاڳاپيل آفيسرن ۽ ٺيڪيدار خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا *** 29

يٽر شهادت اعوان جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ تفصيل سينيٽ ۾ پيش ڪيا ويا سينيٽر طلحه محمود جي سوال تي گهرو وزارت لکت جواب ۾ ٻڌايو ته پاسپورٽ فيس جي مد ۾ سال ٻه هزار ايڪويهه ٻاويهه ۾ 21 ارب 61 ڪروڙ 80 لک رپيا ۽ ٻه هزار ٻاويهه ٽيويهه ۾ 34 ارب 49 ڪروڙ 50 لک رپيا وصول ٿيا اهڙي طرح سال ٻه هزار ٽيويهه چوويهه ۾ 50 ارب 90 ڪروڙ 60 لک، ٻه هزار چوويهه پنجويهه ۾ 64 ارب 39 ڪروڙ 20 لک رپيا ۽ ٻه هزار پنجويهه ڇويهه ۾ 48 ارب 52 ڪروڙ رپيا قومي خزاني ۾ جمع ٿيا لکت جواب ۾ ٻڌايو ويو ته اي پاسپورٽس جي تياري ۽ خريداري تي خرچ عام پاسپورٽس جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن پاڪستان ۾ مشين ريڊ ايبل پاسپورٽس کان اي پاسپورٽ نظام ڏانهن مرحليوار منتقلي جاري آهي جڏهن ته عالمي سول ايوي ايشن تنظيم جي معيار

جماعت اسلامي چيو ته مسلم ملڪن کي پنهنجا وسيلا تعليم، انصاف، معاشي خوشحالي ۽ ٽيڪنالاجي تي خرچ ڪرڻ گهرجن. دنيا ۾ ٻن ارب مسلمانن ۾ هڪ ارب عورتون آهن. انهن جي مسئلن جو حل جديد تقاضائن مطابق ڳولڻو پوندو. ملازمت پيشه عورتن کي موجوده حالتن ۾ گهرن تائين محدود نٿو ڪري اجاگر ڪرڻ لاءِ عالمي سطح تي ڪم جي ضرورت آهي. درپيش چيلينجن جو تفصيلي جائزو وٺڻ لاءِ ڪانفرنس جي سطح تي ذيلي ڪميٽيون جوڙيون ويون. بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ ترڪي، سوڊان، موريطانيه، اردن، انڊونيشيا ۽ لبيا جي 200 کان وڌيڪ مسلم اسڪالرز شرڪت ڪئي

بقايا *** 31

حالتون ڳنڀير جوڳيون آهن. ملڪي نظام صوبن سبب نه پر بدانتظامي ۽ ڪرپشن جي ڪري تباهه ٿيو آهي. نوان صوبا ٺاهڻ بدران مضبوط مڪاني نظام ملڪ جي مفاد ۾ آهي نوشهروفيروز ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته وفاقي حڪومت ۽ وزيرن جو چوڻ آهي ته 28هين ۽ 29هين آئيني ترميمن بابت اجلاس ۾ بحث ٿيندو. هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ هڪ موقف اختيار ڪيو آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ پارٽي ڪهڙو موقف اختيار ڪري ٿي. مولانا فضل الرحمان بابت ڳالهائيندي هن چيو ته مولانا فضل الرحمان احترام لائق شخصيت آهي. حڪومت سان سندس ڪو مسئلو آهي ته اها الڳ ڳالهه آهي. باقي ان معاملي تي هو وڌيڪ تبصرو نه ڪندو گورنر راڄ بابت سوال جي جواب ۾ غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته جيڪڏهن گورنر راڄ جو سبب امن امان جي صورتحال آهي ته اهڙي صورتحال رڳو خيبرپختونخواهه ۾ ناهي. پوءِ گورنر راڄ صرف ڪي پي ۾ ڇو لاڳو ڪيو وڃي

بقايا *** 32

ندڙن به ان کي رد ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ جي ورهاڱي جو فيصلو نٿي ڪري سگهي. جڏهن ته انتظامي يونٽ اڳ ئي موجود آهن. سندس چوڻ هو ته 28هين آئيني ترميم جو مسودو اڃا تائين سامهون ناهي آيو. تنهنڪري ان تي بحث ڪرڻ وقت کان اڳ هوندو. گل محمد جکراڻي وڌيڪ چيو ته نون صوبن بابت بحث هليو آهي. پر سنڌ اسيمبلي ان تجويز کي رد ڪري چڪي آهي. سنڌ ۾ وڌيڪ صوبن جي ضرورت ناهي.

بقايا *** 33

ان عامر جي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي پوليس اهلڪار شهريار کي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي، جڏهن ته ڪيس ۾ شامل ٻن جوابدارن ناصر ۽ فيصل کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي آهي عدالت ٽنهي جوابدارن کي مقتول جي وارثن کي في ماڻهو پنج لک رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو به حڪم ڏنو پوليس موجب جوابدارن خلاف 2022ع ۾ ٿاڻي شارع فيصل ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو پراسيڪيوشن عدالت کي ٻڌايو ته شاهين فورس جي اهلڪارن الهه دين پارڪ ويجهو نوجوان عامر کي بيهڻ جو اشارو ڪيو.

بقايا *** 34

ر فهرست 10 ملڪن ۾ شامل آهي. وزارت قومي صحت هيپاٽائيٽس بابت رپورٽ ايوان ۾ پيش ڪري ڇڏي ڊبليو ايڇ او موجب هيپاٽائيٽس سي جي مريضن جو تعداد 9 لک تائين پهچي ويو آهي. پاڪستان ۾ 38 لک 60 هزار کان وڌيڪ ماڻهو هيپاٽائيٽس بي جو شڪار آهن پاڪستان ۾ هڪ ڪروڙ 29 لک ماڻهو هيپاٽائيٽس بي يا سي ٻنهي ۾ مبتلا آهن. ملڪ ۾ هر سال 48 هزار ماڻهو هيپاٽائيٽس سبب فوت ٿي رهيا آهن. 2024 ۾ هيپاٽائيٽس سي جا 88 هزار کان وڌيڪ انفيڪشن ظاهر ٿيا

بقايا *** 35

۾ پيش ڪيل گلوبل برڊن آف ڊيزيز جي انگن اکرن موجب ملڪ ۾ ذهني صحت جا مسئلا هڪ وڏو

بقايا عوامي سوچ 01

عنصرن خلاف ڪاروائين جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ انچارج سي آءِ اي انسپيڪٽر ذيشان علي لاشاري ۽ اي ايس آءِ عبدالسلام انڙ پنهنجي ٽيم سان گڏ ڳجهي اطلاع تي بروقت ڪارروائي ڪندي اغوا ۽ ڦرجي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار عامر علي بروهي کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار جوابدار ڪجهه ڏينهن اڳ ڳوٺ مينهو بروهي، تعلقو سنڌڙي جي رهواسڻ مسمات راشده بروهي کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪيو هو. پوليس ڪارروائي دوران جوابدار کي 30 بور پسٽل ۽ گولين سميت گرفتار ڪري ورتو اغوا واري واقعي جو ڪيس ٿاڻي وومين تي FIRنمبر 41/2026، قلم 365، 452، 34 پي پي سي ۽ TIP Act 3(11) 2018تحت داخل ٿيل آهي. جڏهن ته جوابدار ٿاڻو لطيف آباد، اي سيڪشن حيدرآباد ۾ داخل ڦرجي ڪيس FIRنمبر 407/2024، قلم 397، 34 پي پي سي ۾ پڻ گهربل ۽ روپوش هو. ان کان علاوه برآمد ٿيل هٿيار بابت ٿاڻو ٽائون تي FIRنمبر 157/2026، قلم 24 سنڌ آرمز ايڪٽ تحت ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي. وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته گرفتار جوابدار ميرپورخاص، حيدرآباد، جيڪب آباد ۽ ٻين ضلعن ۾ ڦرلٽ، ڌاڙن ۽ غيرقانوني هٿيارن جي مختلف ڪيسن ۾ چالان ٿي چڪو آهي. گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي. جڏهن ته ٻين ڏوهن ۾ سندس ممڪنه ملوث هجڻ بابت پڻ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 02

ڪرڄي وئي. اطلاع موجب اڻڄاتل ماڻهو صبح سوير ٻار جو لاش ڪچري جي ڍير ۾ اڇلائي فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع تي علائقي واسين سيٽلائيٽ ٽائون پوليس کي آگاهه ڪيو، جنهن بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي شاهدين گڏ ڪرڻ بعد لاش پنهنجي تحويل ۾ ورتو. پوليس پاران لاش تدفين لاءِ ايڌي فائونڊيشن حوالي ڪرڻ جا انتظام ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 03

سڪولي شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران سندس مانَ ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪري شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران استاد محبوب خاصخيلي کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪون ۽ گلاب جي گلن جا هار پيش ڪري ڪيس پيٽا ڏني ويئي. جنهن تقريب ۾ جعفر علي تارو، علي اڪبر تارو، اسماعيل تارو، نظر تارو، ساجد تارو، رسول بخش تارو سميت شاگردن ۽ ٻين ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي رٽائرڊ ٿيل استاد محبوب خاصخيلي جي ڊگهي تعليمي خدمتن ۽ شاگردن جي بهتر مستقبل لاءِ ڪيل محنت کي ساراهيندي چيو ته هڪ سچو استاد پنهنجي علم، محنت ۽ ڪردار ذريعي ڪيترين ئي نسلن جي مستقبل کي سنواري ٿو. سندس تعليمي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. ان موقعي تي رٽائرڊ ٿيل استاد محبوب خاصخيلي اسڪول جي شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو ٿورو مڃيندي چيو ته ڪيس جيڪو اڄ مان ڏنو ويو آهي، هو ان مان کي هميشه ياد رکندو، هن چيو ته عمر جا 60 سال مڪمل ڪري رٽائرڊ ٿيو آهيان، مون هميشه ايمانداري سان ڊيوٽي ڪري شاگردن کي تعليم ڏياري سندن مستقبل سنواريون اٿم.

بقايا عوامي سوچ 04

ڏوڪري پرسان ڳوٺ بخش جتوئي ۾ سربراهه مرڪز ولايت علي عليه السلام پاڪستان سيد علي رضا جاني شاهه باقراڻي تعلقي جي دوري تي پهتوجتي سندس مومنين وڏي جوش جذبي سان شاندار استقبال ڪيو، ان موقعي سيد علي رضا جاني شاهه، علي ارشد هليو، نياز حسين ڪوسو، سيد لياقت شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سڀ کان وڏو درس انسانيت جي خدمت ڪرڻ آهي، مؤمن پاڻ ۾ ايڪو اتحاد پيدا ڪن. هن چيو ته اختلافن سبب امت ڪمزور ٿي رهي آهي، پاڻ ۾ محبت، ڀائيچاري ۽ برداشت ڪرڻ سان روحاني فيض نصيب ٿيندو آهي. ان موقعي تي سيد سجاد علي شاهه، غلام شبير جتوئي، فقير شمن علي، علي عاشق چنو، شهمير عباسي، نظام جتوئي، زوار بند جتوئي، رياض جتوئي ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 05

مين روڊ تائين آگاهي واڪ پڻ ڪيو ويو آگاهي واڪ کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي، جيڪا اسان جي ٻارڙن کي عمر ڀرجي معذوري ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي، تنهن ڪري والدين کي گهرجي ته هو پنهنجن ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا ضرور پيارين. هن وڌيڪ چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا گڏجي پوليو جي روڪٿام لاءِ پرعزم آهن، ۽ اسان کي يقين آهي ته جلد ئي اسان جو ملڪ پوليو کان پاڪ هوندو بعد ۾ هن سول اسپتال اولڊ ڪيمپس جو دورو ڪيو جتي هن شهيد راڻي ڊائيلاسز سينٽر ۾ مريضن کان علاج بابت تفصيل معلوم ڪيا انچارج اندس سول اسپتال اولڊ ڪيمپس عباس جمالي ڊائيلاسز سينٽر متعلق تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سينٽر ۾ 90 کان وڌيڪ مريض رجسٽرڊ آهن 8 ڊائيلاسز مشينون آهن جڏهن ته روزانو تقريبا 30 کان وڌيڪ مريضن جو ڊائيلاسز ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته 15 مريض ويٽنگ ۾ آهن ڊائيلاسز مشينون گهٽ هجڻ جي ڪري انهن جو ڊائيلاسز هتي نه پيو ٿئي ڪوشش آهي ته جلد نيون مشينون آڻي بدين جي مريضن کي پنهنجي شهر ۾ ڊائيلاسز جون سهولتون ڏئي سگهون ان موقعي تي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو، اي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر وسيم عباس خواجه، ايم ايس ڊاڪٽر ڪريم بخش گاڏاهي، اي ايم ايس ڊاڪٽر امتياز ميمڻ، اسسٽنٽ ڪمشنر بدين راجيش دلپت ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا عوامي سوچ 06

قعي تي ڊي آءِ جي پوليس فيصل عبدالله چاچڙ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ عبدالوهاب عباسي، ضلعي صحت آفيسر ميرپورخاص ڊاڪٽر سنديپ ڪمار، ڊائريڪٽر هيلٿ ڊاڪٽر منير احمد ميمڻ، ضلعي پوليو ڪنٽرول پروگرام جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر وحيد رحماڻي، ڊبليو ايڇ او ڊاڪٽر عالم آزاد، ضلعي مئنيجر پي پي ايڇ آءِ اي منظور احمد، ڊائريڪٽر سيڪنڊري اسڪولز ايجوڪيشن محمد اقبال ڪنڀار، ڊائريڪٽر پرائمري اسڪولز فقير محمد خاصخيلي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪمشنر سموري ڊويزن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ صحت کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ مائڪرو پلان تحت مقرر ڪيل هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اثرائتي نگراني کي يقيني بڻايو وڃي. ايريا انچارج ۽ تعلقي فوڪل پرسن کي ٻه ان حوالي سان پابند ڪيو ويو. ڪمشنر وڌيڪ هدايت ڪئي ته پوليو مهم دوران هر يوسي، هر پاڙي ۽ هر گهٽي ۾ پوليو ٽيمن جي موجودگي جي نگراني ڪئي وڃي ته جيئن ڪو به ٻار پوليو ويڪسينيشن پروگرام کان ٻاهر نه رهي. ان سلسلي ۾ ڪا به غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 07

فاطمه مجيد ۽ فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جي چيئرمين جي مسلسل جدوجهد ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ ڀارتي جيلن مان آزادي ماڻيندڙ بدين واسي محبوب علي ملاح سميت آزاد ٿيل سمورن پاڪستاني ماهيگيرن جي قانوني گهرجن ۽ دستاويزي ڪارروائي مڪمل ڪرائي کين وارثن حوالي ڪيو ويو. آزاد ٿيل ماهيگيرن جي گلن جا هار پارائي شاندار آجيان پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي محترمه فاطمه مجيد چيو ته جڏهن به ڀارتي حڪومت پاڪستاني ماهيگيرن جي آزادي جو اعلان ڪندي آهي ته کين واڳها بارڊر تي لاڳاپيل سرڪاري ۽ سيڪيورٽي ادارن حوالي ڪيو ويندو آهي، جتان فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي سان رابطو ڪيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته آزاد ٿيندڙن ۾ ٻين ملڪن جا ماهيگير به شامل هوندا آهن. هن چيو ته فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي پاران آزاد ٿيل پاڪستاني ماهيگيرن جي سڃاڻپ جي تصديق ۽ ضروري دستاويزي ڪارروائي مڪمل ڪرائي ويندي آهي، جنهن بعد کين لاهور کان ڪراچي تائين ايڌي فائونڊيشن جي حوالي ڪيو ويندو آهي. ڪراچي ۾ ايڌي فائونڊيشن کان ماهيگيرن کي وصول ڪري سندن وارثن تائين پهچايو ويندو آهي. محترمه فاطمه مجيد وڌيڪ چيو ته ماهيگيرن کي رڳو وارثن حوالي ڪرڻ تائين محدود نٿا رهن، پر سندن ٻچن جي سار سنڀال ۽ ڏکيائين کي نظر ۾ رکندي مالي سهائتا پڻ ڪئي ويندي آهي، جيئن اهي خاندان مشڪل حالتن مان نڪري سگهن. هن چيو ته ماهيگير ملڪ جي معيشت ۽ ساموندي وسيلن سان جڙيل هڪ محنت ڪش طبقو آهن. سندن ڏکئي وقت ۾ مالڪي ڪرڻ، قانوني مدد فراهم ڪرڻ ۽ خاندانن جي سهائتا ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي. آخر ۾ محترمه فاطمه مجيد آزاد ٿيل ماهيگيرن جي خوشيءَ ۾ شريڪ سمورن سهڪار ڪندڙ ادارن ۽ ٽيم جا ٿورا مڃيندي چيو ته ماهيگيرن جي حقن جي تحفظ، سندن مالڪي ۽ خوشحال مستقبل لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا عوامي سوچ 08

حڪومت پاران ڊي جي صحت حيدرآباد جي اڳواڻي ۾ تحقيقات ڪاميٽي جوڙي وئي آهي جنهن جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي جڏهن ته انڪوائري ڪاميٽي ۾ پ پ ايڇ آءِ ميرپور خاص جو ريجنل ڊائريڪٽر ۽ ڊي سي ٿرپارڪر کي ميمبر طور شامل ڪيو ويو آهي جڏهن ته شروعاتي جاچ دوران غفلت ظاهر ٿيڻ تي پ پ ايڇ آءِ ضلعي ٿرپارڪر جي ضلعي مينيجر صوبدار شاهاڻي، ايگزيڪيوٽو مانيٽرنگ ۽ ايويليشن ظهير حسين بابر ۽ سوشل آرگنائيزر پرڪاش رانوڙ کي معطل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 09

ي پاران افسوس جو اظهار ڏانو ڏانڌل واقعي جي متاثر خاندانن ۽ وارثن سان گڏ آهيون. ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ڪلهه رات واقعي ٿيڻ بعد مسلسل ضلعي انتظاميه ۽ پي پي ايڇ آءِ جي اعليٰ عملدارن ۽ فوتين ۽ زخمين جي وارثن سان رابطي ۾ آهيان سنڌ حڪومت پاران واقعي [illegible] عملي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 10

جاري آهن، شهرين کي هر صورت ۾ تحفظ فراهم ڪيو ويندو. ڊي ايس پي آفيس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي هنن چيو ته شهرين جي شڪايتن جو بروقت ازالو ڪرڻ ۽ کين انصاف فراهم ڪرڻ پوليس جي اولين ترجيح آهي. هن وڌيڪ چيو ته ڏوڪري ۽ باقراڻي جي سمورن ايس ايڇ اوز کي جوا، منشيات فروشي ۽ ٻين سماجي برائين خلاف سخت ۽ بنا فرق جي ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن. ڊي ايس پي اسد الله ڀٽي چيو ته ڏوهارين خلاف ڪارروائين لاءِ پوليس کي فري هينڊ ڏنو ويو آهي ۽ امن امان برقرار رکڻ سميت عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ هر صورت ۾ يقيني بڻايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 11

ريپورخاص ۾ يونين ڪائونسلن جي چيئرمين، سيڪريٽرين ۽ مڪاني چونڊيل نمائندن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ بابت هڪ ڏينهن جي آگاهي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي ميئر عبدالرؤف غوري چيو ته چونڊن ۾ عورتن جي ووٽ ڏيڻ جي شرح وڌائڻ لاءِ اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، ته جيئن عورتون به جمهوري عمل ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن. ڇاڪاڻ ته عورتن جي شموليت کانسواءِ ڪو به معاشرو ترقي نٿو ڪري سگهي. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو پڻ پنهنجي جمهوري حڪومتي دورن ۾ عورتن کي بااعتماد بڻائڻ لاءِ مختلف پروگرام متعارف ڪرايا. ريجنل اليڪشن ڪمشنر ميرپورخاص پرويز احمد ڪلهوڙو چيو ته اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي هر ممڪن ڪوشش آهي ته چونڊن جي جمهوري عمل ۾ عورتن جي شموليت کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته عورتن ۽ مردن جي ووٽرن جي انگ ۾ فرق ختم ڪرڻ لاءِ ريجنل اليڪشن ڪمشنر آفيس ميرپورخاص هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر نياز احمد ٻڌايو ته ضلعي ميرپورخاص ۾ ڪل رجسٽرڊ ووٽرن جو انگ 9 لک 21 هزار 161 آهي، جن ۾ 4 لک 88 هزار 63 مرد ۽ 4 لک 33 هزار 98 عورتون ووٽر شامل آهن. هن چيو ته مردن جي ڀيٽ ۾ عورتن جي ووٽرن جو انگ 5.97 سيڪڙو گهٽ آهي، جنهن فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ڌرين، چونڊيل نمائندن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان موقعي تي لوڪل گورنمينٽ جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر عبدالوهاب عباسي چيو ته لوڪل گورنمينٽ ان سلسلي ۾ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ورڪشاپ دوران يونين ڪائونسل جي چيئرمين محمد حنيف ميمڻ، ممتاز جهنڊير، دوست محمد خاصخيلي ۽ يونين ڪائونسلن جي سيڪريٽرين ٻڌايو ته يوسي سطح تي ٻارن جي پيدائشي سرٽيفڪيٽن جي جاري ٿيڻ ۾ مسئلا درپيش آهن. ان تي ماروي سومرو يقين ڏياريو ته هر يونين ڪائونسل ۾ پيدائشي سرٽيفڪيٽن جي جاري ڪرڻ لاءِ بهتر حڪمت عملي جوڙي وئي آهي، جنهن تي جلد عملدرآمد ڪيو ويندو. آگاهي سيمينار ۾ ڊپٽي ميئر سميرا بلوچ سميت ٻيا عملدار موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 12

سيجن سلينڊر ڦاٽڻ سبب قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ واري افسوسناڪ سانحي تي دلي ڏک ۽ افسوس پهتو آهي. ڏکويل خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪريان ٿو. ملڪ کان ٻاهر هجڻ سبب فوتين جي وارثن وٽ تڏي تي پهچي تعزيت نه ڪري سگهڻ جو دلي افسوس اٿم. ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ منهنجون همدرديون متاثر خاندانن سان گڏ آهن. وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پاران واقعي جي انڪوائري جو حڪم ڏيڻ هڪ اهم قدم آهي. اميد آهي ته انڪوائري شفاف ۽ غيرجانبدار نموني مڪمل ڪئي ويندي، حادثي جي اصل سببن جو پتو لڳايو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي غفلت يا لاپرواهي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي، ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ حادثن کان بچي سگهجي. رب سائين جي در دعاگو آهيون ته فوتين جي وارثن کي مالڪ سائين صدمو برداشت ڪرڻ جي سگهه ڏي ۽ زخمين کي جلد مڪمل صحتيابي عطاء فرمائي.

بقايا عوامي سوچ 13

ڊر ڦاٽڻ سبب 10 ڄڻن جي فوت ٿيڻ واري واقعي تي ڏک جو اظهار ڪندي پي پي ايڇ آءِ اختيارين کي ذميوار قرار ڏيندي مٿس قتل ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي، اهڙو اظهار ٿر سٽيزن فورم جي چيئرمين اوپايو جوٽيجو، اعجاز بجير، عظمي ابڙينگ، ساجن چارو، قربان سميجو، جي ايم بجير ۽ ٻين ڪيو. هنن چيو ته پي پي ايڇ آءِ جي نااهلي سبب صحت مرڪزن ۾ صرف اسٽاف کي ڊيوٽين جو پابند بڻايو ويو آهي پر اتي ڪنهن به سهولتون موجود نه آهن ۽ جڳاڙي ايمبولينس ۾ جڳاڙي آڪسيجن سلينڊر لڳائي ماڻهن جي زندگين سان ڪيڏيو ويو آهي ۽ اسپتال عملي سميت 10 ماڻهن جي فوت تي سڄي ٿر سميت [illegible] ميٽينس هجڻ ڪري افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي ان جا ذميوار پي پي ايڇ آءِ سي اي او سميت عملدار آهن. هنن چيو ته هيسٽائين صرف هٿ ٺوڪي جاچ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن به پي پي ايڇ آءِ ميرپورخاص جو آر ڊي شامل هجڻ ڪري سوال پيدا ڪري ٿي، ٿر جو ماڻهو افسوسناڪ واقعي جي شفاف جاچ چاهي ٿو. هنن چيو ته پيپلزپارٽي حڪومت پمز واقعي تي وفاقي وزير صحت خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو هو ته ٿر ۾ اهو واقعو پيش آيو آهي ان جو ڪيس صحت واري وزير سميت سنڌ حڪومت مٿان داخل ڪيو وڃي. هن چيو ته جيڪا سرڪار ادارن کي نه ٿي هلائي سگهي اها اين جي اوز پي پي ايڇ آءِ حوالي ڪري نقصان ڪيو آهي ۽ وري سڄي سنڌ جون اسپتالون انهن حوالي ڪيون پيون وڃن. هنن چيو ته اسان سلينڊر حادثي ۾ فوت ٿي ويل وارثن سان ڏک جو اظهار ڪرڻ سان گڏ مطالبو ٿا ڪيون ته هن واقعي جي ڪنهن ٿرڊ پارٽي اداري کان جاچ ڪرائي وڃي جيڪي سيفٽي رول کان واقف هجن ۽ واقعي جو پي پي ايڇ آءِ سي اي او سميت اختيارين کي ذميوار سمجهون ٿا انهن مٿان ڪيس داخل ڪري فورن گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

رزانه مري کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو. واقعي جي اطلاع تي ڪاڻ پوليس پهچي مقتولا عورت جو لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪري ڇڏيو. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته فرار ٿيل جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن.

بقايا عوامي سوچ 15

حضرت مولانا عزيز الله ساند صاحب ۽ تعلقه مٺي جا امير حضرت مولانا محمد اسلم ساند صاحب گهري ڏک، افسوس ۽ ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. اڳواڻن پنهنجي گڏيل تعزيتي بيان ۾ چيو آهي ته: هن ڏک ۽ صدمي جي گهڙي ۾ اسان ڏانو ڏانڌل واقعي جي متاثر خاندانن ۽ وارثن سان گڏ آهيون. جمعيت علماء اسلام جو هر ڪارڪن متاثرن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي. سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارن کان پرزور مطالبو ٿا ڪريون ته واقعي ۾ جاني ۽ مالي نقصان برداشت ڪندڙ خاندانن جي فوري طور تي مالي مدد ڪئي وڃي ۽ سندن نقصان جو ازالو ڪيو وڃي. واقعو ڪيئن پيش آيو، ان جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي. جيڪڏهن واقعي ۾ ڪنهن به سرڪاري عملي، اداري يا ذميوار شخص جي غفلت، لاپرواهي سامهون اچي ٿي ته ان خلاف بلاتفريق سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي، ته جيئن آئينده اهڙن واقعن جي روڪٿام ٿي سگهي. آخر ۾ اڳواڻن دعا ڪئي ته الله پاڪ متاثرن جي مشڪلاتن کي آسان فرمائي

بقايا عوامي سوچ 16

لسلي ۾ 30 سالن کان تعليم لاءِ جاکوڙيندڙ تعليمدان، وڏي عرصي کان انتظامي تجربو رکندڙ ڊي اي او سيمس پلاننگ ٺٽو سيد فدا حسين شاهه کي ٺٽي مان بدلي ڪري ڪيس ڊي اي او پرائمري ايجوڪيشن سجاول مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن چارج وٺي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، سيد فدا حسين شاهه جي چارج سنڀالڻ بعد سجاول جي شهرين ۽ والدين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي ويئي آهي.

بقايا عوامي سوچ 17

، ڳوٺاڻن جي ملڪيت واري زمين تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش خلاف ڳوٺ حاجي رمضان هيجب ۾ ڳوٺاڻن جي هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڳوٺاڻن پنهنجي اباڻي زمين جي تحفظ بابت خدشن جو اظهار ڪندي الزام هنيو ته ڏاڍيان بااثر ماڻهن مبينا طور سندن زمينن جا ڪوڙا ڪاتا ۽ ليزون نهرائي سندن اباڻي زمينون قبضائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته سندن ملڪيت واري زمين بابت مبينا طور غيرقانوني رڪارڊ تيار ڪري کين پنهنجي ئي زمينن کان محروم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. گڏجاڻي ۾ ڳوٺاڻن خلاف مبينا طور ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ کين مختلف طريقن سان حراسان ڪرڻ وارين ڪوششن تي پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو. ڳوٺاڻن چيو ته هو پنهنجي جائز ملڪيت ۽ اباڻي حقن جي تحفظ لاءِ ڪنهن به غيرقانوني دٻاءَ آڏو نه جهڪندا. گڏجاڻي ۾ ڳوٺاڻن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته هن معاملي جي شفاف ۽ غير جانبدار جانچ ڪرائي زمينن جا اصل رڪارڊ چيڪ ڪيا وڃن. جيڪڏهن ڪنهن به ڌر پاران غيرقانوني ڪاتا يا ليزون نهرايون ويون آهن ته انهن جي مڪمل جاچ ڪرائي قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. ڳوٺاڻن چيو ته هو پنهنجي جائز حقن، اباڻي زمينن ۽ ملڪيت جي تحفظ لاءِ پرامن ۽ قانوني جدوجهد جاري رکي ڪنهن به غيرقانوني طريقي سان سندن زمينن تي قبضي جي ڪوشش کي قبول نه ڪندا. متاثر ڳوٺاڻن سنڌ حڪومت، ٺٽي ضلعي جي انتظاميا ۽ لاڳاپيل روينيو اختيارين کان مطالبو ڪيو ته هن معاملي جو فوري نوٽيس وٺي زمينن جي رڪارڊ جي جانچ ڪرائي کين انصاف فراهم ڪري مبينا طور حراسان ڪرڻ وارين ڪاررواين کي روڪڻ لاءِ ضروري قدم کڻي [illegible] ويندو، جيڪو مسئلن جي حل تائين جاري رهندو.

بقايا عوامي سوچ 18

ن غلام نبي خاصخيلي، نويد ميراڻي ۽ زاهد خاصخيلي جي ايڊيشنل سيشن جج ٺٽو جي عدالت ضمانت منظور ڪري ورتي. عدالت ۾ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل منظور علي جماري پاران پيش ڪيل دليل ٻڌڻ کان پوءِ عدالت ٽنهي جوابدارن جي ضمانت منظور ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا عوامي سوچ 19

ردار رفيق احمد جمالي SICVD چيسٽ پين يونٽ دادو جو دورو ڪري مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو. ان موقعي تي هن چيسٽ پين يونٽ ۾ علاج جي سهولتن، طبي خدمتن ۽ مريضن کي پيش ايندڙ معاملن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. دوري دوران سردار رفيق احمد جمالي چيو ته تمام جلد دادو جي چيسٽ پين يونٽ کي اپ گريڊ ڪري ان کي جديد طبي سهولتن سان ليس ڪيو ويندو، جڏهن ته NICVDجي جديد طبي مشينري پڻ فراهم ڪئي ويندي، جنهن سان ضلعي دادو جي عوام کي دل جي بيمارين جي علاج لاءِ وڌيڪ بهتر ۽ جديد طبي سهولتون ميسر ٿي سگهنديون. هن چيو ته عوام کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، جڏهن ته جديد طبي مشينري ۽ سهولتن جي فراهمي سان مريضن کي مقامي سطح تي علاج جون بهتر سهولتون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي. ايم اين اي رفيق احمد جمالي جي دوري دوران پاڪستان پيپلز پارٽي جا مقامي ۽ ضلعي اڳواڻ، ڪارڪن ۽ ٻيا سائٿس گڏ موجود هئا. وفد ۾ خليل الرحمان شيخ، رفيق احمد ميراڻي، عرفان خان سولنگي، اي ڊي لغاري، پڻ شامل هئا. ان موقعي تي چيسٽ پين يونٽ کي اپ گريڊ ڪري جديد طبي مشينري سان آراسته ڪرڻ واري اعلان کي دادو جي عوام لاءِ صحت جي سهولتن ۾ بهتريءَ ڏانهن هڪ اهم قدم قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 20

ڪي صحت سميت بنيادي حقن جي فراهمي سرڪاري ادارن جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي. الطاف حسين لغاري صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ٽائون ڊسپينسري ٺٽي جو اوچتو دورو ڪري شهرين کي فراهم ڪيل صحت جي سهولتن ۽ انتظامي معاملن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي سندس گڏ سب رجسٽرار غلام مرتضيٰ ميمڻ، ٽائون ڊسپينسري جي انچارج ڊاڪٽر سعديه ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا. دوري دوران ريجنل ڊائريڪٽر ڊسپينسري جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ علاج لاءِ آيل مريضن سان ملاقات ڪري کين فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن بابت معلومات حاصل ڪئي. ان موقعي تي مريضن ڊسپينسري ۾ موجود صحت جي سهولتن تي اطمينان جو اظهار ڪيو. ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٺٽو ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه ۽ ڊسپينسري جي انچارج ڊاڪٽر سعديه پاران ٽائون ڊسپينسري ۾ بهتر طبي سهولتون ۽ انتظام فراهم ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيو. ان موقعي تي الطاف حسين لغاري چيو ته شهرين کي صحت سميت ٻيا بنيادي حق ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت ۽ سرڪاري ادارن جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي. هن چيو ته صوبائي محتسب اداري پاران مختلف سرڪاري ادارن جا دورا ڪرڻ جو مقصد انتظامي معاملن ۾ بهتري آڻڻ، عوام کي پيش ايندڙ مسئلن جو جائزو وٺڻ ۽ کين بنيادي حقن، سهولتن ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ مختلف سرڪاري ادارن جا دورا ڪرڻ جو سلسلو آئنده پڻ جاري رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 21

ڇڏيو والدين پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ پنهنجي ٻچڙن کي سڄي عمر جي معذوري کان محفوظ بڻائين. ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه، سول سرجن سول اسپتال مڪلي ڊاڪٽر سرور خشڪ، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر حسن نثار مهر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن سان گڏ سول اسپتال مڪلي ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري 2 نومبر کان شروع ٿيندڙ قومي پوليو کان بچاءَ واري مهم جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت جي اڳواڻيءَ ۾ سول اسپتال مڪلي کان مين شاهراهه تائين آگاهي ريلي پڻ ڪڍي وئي، جنهن جو مقصد عوام ۾ پوليو کان بچاءَ ۽ ٻارن کي حفاظتي ڦڙا پيارڻ بابت شعور اجاگر ڪرڻ هو. ريلي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو والدين تي زور ڀريو ته اهي پنهنجن گهرن ۾ ايندڙ پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ پنهنجي گلن جهڙن ٻچڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا لازمي پيارين ته جيئن کين سڄي عمر جي معذوري کان محفوظ رکي سگهجي. هن چيو ته پوليو جو خاتمو اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي، ان مقصد جي حاصلات لاءِ ضلعي انتظاميا، صحت کاتي جا آفيسر ۽ پوليو ورڪرز قومي جذبي تحت پنهنجون ذميواريون [illegible] ڪن هن هدايت ڪئي ته پوليو مهم دوران سمورا آفيسر ۽ پوليو ورڪرز هر ٻار کي پنهنجو ٻار سمجهي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ڪنهن به ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کان محروم نه رکن.ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته والدين جي سهڪار ۽ لاڳاپيل ادارن جي گڏيل ڪوشش سان ئي پوليو جهڙي موذي مرض جو مڪمل خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو

بقايا عوامي سوچ 22

ن زاهد لاشاري، دائود جمالي، منظور ٻبر، جميل رند ۽ ٻين ڏانهيو آهي ته ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر پاران جوهي تعلقي جي 40 آٽا چڪي مالڪن جي ڪوٽا بند ڪري ڇڏي آهي ۽ پٽر ڪاٽيا ويا آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هنن چيو ته ڊي ايف سي دادو بنا ڪنهن جواز جي ڪوٽا ختم ڪئي آهي جنهن سان اٽو مهانگو ٿي ويندو. هنن چيو ته اسانکي هن مهيني ڪوٽا مطابق ڪٽڪ ناهي ڏني وئي جنهن سان مارڪيٽ ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ جا امڪان آهن هنن چيو ته جوهي تعلقو اڳ ئي بک بدحالي جي ورچڙهيل آهي پيو وري فوڊ ڪنٽرولر جوهي تعلقي جي ملندڙ ڪٽڪ ڪوٽا بند ڪري لکين روپيا روشوت طلبي رهيو آهي هنن چيو ته ڪٽڪ بند ڪرڻ سبب شهر اندر لڳندڙ سستي اگهه تي اسٽال به ناهن لڳي سگهيا چڪين جا لائسنس بند ڪيا ويا آهن هنن چيو ته فوڊ ڊي ايف سي نزاڪت هيسباڻي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ حيدرآباد ريجن جوهي جي عوام ۽ چڪي مالڪن کي بليڪ ميل ڪري اسان آٽا چڪي وارن واپارين کي معاشي نقصان پهچائي رهيا آهن جيڪو هاڻ برداشت کان ٻاهر آهي هنن چتاءُ ڏنو ته ڪوٽا بحال نه ڪئي وئي ته احتجاجن پوري تعلقي اندر آٽا چڪيون بند ڪري مرحليوار دادو ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر بعد ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ حيدرآباد ريجن جي آفيس اڳيان جوهي مان احتجاجي پيادل لانگ مارچ ڪري ڌرڻا هٽي مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال جاري رکنداسين.

بقايا عوامي سوچ 23

تان–چائنا فرينڊشپ سينٽر ۾ چين–پاڪستان انفارميشن ڪوريڊور جي افتتاح ۽ ٻنهي ملڪن جي سفارتي لاڳاپن جي 75هين سالگرهه جي حوالي سان ٿيل مقابلي ۾ 15 آرٽسٽن حصو ورتو. جتي اقصيٰ لطيف پنهنجي تخليقي فن ۽ منفرد مصوريءَ ذريعي پهرين پوزيشن ماڻي. هن پنهنجي فن پارَي ۾ سنڌ جي اجرڪ، ڦلڪاري سميت پاڪستان جي مختلف علائقن ۽ چيني ثقافت جي علامتن کي خوبصورتيءَ سان پيش ڪري ٻنهي ملڪن جي دوستي ۽ ثقافتي هم آهنگيءَ جو پيغام ڏنو. سندس فن کي چين جي سفير جيانگ زيدونگ، پرڏيهي وزارت جي ترجمان مائو ننگ ۽ وفاقي وزير اطلاعات عطاالله تارڙ پاران پڻ ساراهيو ويو. جڏهن ته ڪيس پهرين پوزيشن تي هڪ لک رپيا ڪيش انعام ڏنو ويو. سندس شاندار ڪاميابيءَ تي خاندان ۽ دادو واسين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانيل آهي. جڏهن ته سندس ڪاميابي سنڌ جي نوجوان نياڻين لاءِ حوصلي ۽ فخر جو مثال بڻجي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 24

ڊائريڪٽوريٽ آف اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز، حڪومت سنڌ پاران يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر (YDC)مٽياري ۾ "يوٿ ڪنيڪٽ: بااختياري، جدت ۽ مڃتا" جي عنوان هيٺ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن جو مقصد نوجوانن جي صلاحيتن کي هٿي ونرائڻ، جدت کي فروغ ڏيڻ ۽ سماجي ترقي ۾ سندن ڪردار کي ساراهڻ هو. تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ قومي ترانې سان ڪئي وئي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز رضوان علي ملاح آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته نوجوانن کي اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ، کين بااختيار بڻائڻ ۽ سماجي سرگرمين ۾ سندن شموليت کي يقيني بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. تقريب دوران پينل ڊسڪشن پڻ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ مٽياري شگر ملز جي جنرل مئنيجر سيد اڪبر جنيد شاهه ۽ ادار فائونڊيشن جي نمائندي نايابَ علي ارباب شرڪت ڪئي، جڏهن ته پينل ڊسڪشن جي ميزباني ناميَاري صحافي امتياز علي چنا ڪئي. پينل ڊسڪشن ۾ نوجوانن جي ترقي، جدت، قيادت ۽ نوجوانن لاءِ بهتر موقعا پيدا ڪرڻ ۾ سرڪاري توڙي غيرسرڪاري ادارن جي ڪردار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ارم جلال ڀٽي خطاب ڪندي سماجي ڀلائي جي منصوبن ۽ ڪميونٽي جي ترقي ۾ نوجوانن جي ڪردار جي اهميت اجاگر ڪئي، جڏهن ته سيف هائوسز جي انچارج محترمه مهرين ملاح سماج جي ڪمزور طبقن کي تحفظ، سهائتا ۽ بهتر موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. تقريب جي خاص حصي ۾ ضلعي مٽياري جي باصلاحيت نوجوانن جي خدمتن ۽ ڪاميابين کي ساراهيندي کين اعزازي شيلڊون پيش ڪيون ويون. تقريب جي پڄاڻي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز معيز حسين سومرو شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي چيو ته نوجوان سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ جي اهم قوت آهن. هن نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ، سندن صلاحيتن کي مڃتا ڏيڻ ۽ کين ترقياتي سرگرمين ۾ ڀرپور [illegible] موقعا فراهم ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو

بقايا عوامي سوچ 25

ن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي اسڪول ۾ تدريسي عمل بحال ڪرايو وڃي. احتجاج ڪندڙ شاگردن ۽ والدين جو چوڻ آهي ته اسڪول ۾ گڏريل ڪيترن ئي مهينن کان استاد جي غيرحاضري سبب ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي. سندن موجب، شاگرد روزانو پڙهائي جي اميد سان اسڪول پهچن ٿا، پر استاد جي موجود نه هجڻ ڪري کين واپس گهر موٽڻو پوي ٿو، جنهن سبب سندن قيمتي وقت ضايع ٿيڻ سان گڏ تعليمي مستقبل بابت به ڳڻتي وڌي رهي آهي. والدين جو چوڻ آهي ته هن مسئلي بابت ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون ويون آهن، پر اڃا تائين ڪو اثرائتو قدم نظر نه آيو آهي. هنن سوال اٿاريو ته جڏهن ٻارڙن جي تعليم بنيادي حق آهي ته پوءِ سرڪاري اسڪولن ۾ تدريسي عمل کي يقيني بڻائڻ لاءِ ذميوار اختيارين پاران بروقت قدم ڇو نه کنيا پيا وڃن؟ احتجاج ڪندڙن ڪمشنر سکر، ڊپٽي ڪمشنر سکر، اسسٽنٽ ڪمشنر صالح پٽ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (DEO)سکر، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر (TEO)صالح پٽ/روهڙي ۽ ڊائريڪٽر اسڪولز سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته RD 145جي سرڪاري اسڪول واري معاملي جي فوري جاچ ڪرائي وڃي. هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته جيڪڏهن جاچ دوران استاد جي غيرحاضري ثابت ٿئي ته ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اسڪول ۾ باقاعده تدريسي عمل يقيني بڻائي ٻارڙن جو تعليمي نقصان روڪيو وڃي. والدين ۽ شاگردن اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته معصوم ٻارڙن جي مستقبل کي نظر ۾ رکندي هن اهم مسئلي تي فوري ڌيان ڏنو وڃي، جيئن کين تعليم جهڙي بنيادي حق کان محروم نه رهڻو پوي

بقايا عوامي سوچ 26

قادر منگسي خطاب ڪندي جيو ت سنڌ کي جاٽي واٽي هٽ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي سنڌ جو پاٽي روڪيو پيو وڃي اسان وٽ ڪفن لاءِ پاٽي ن آهي سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ مالا مال ٿي ويا آهن غريب اڄ ب غريب آهي ماڻهون ماني ڳيپي لاءِ پريشان آهن اسلام آباد ۾ ويٺل وزير ۽ ڪراچي ۾ ويٺل مڪڙ سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ لاءِ وڏا وچن ڪري چڪا آهن پر سنڌ جي انچ انچ جي حفاظت ڪنداسين ان لاءِ اسان سڀني کي هڪ ٿيڻو پوندو اسان اسلام آباد وارن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ت جيڪڏهن سنڌ آهي ت ملڪ آهي جيڪڏهن سنڌ ن آهي ت ملڪ ب ن هوندو سنڌ تي هميشاحملا ٿيا پر سنڌ جي جودن پنهنجي جدوجهد زرعي سنڌ جي حفاظت ڪئي ڊاڪٽر قادر منگسي چيو ت آءُن سنڌ جي خاطر سيني تي گوليون کائيندس پر سنڌ تي سودو ن ٿيڻ ڏيندس هن چيو ت 29 نومبر تي ڪراچي ۾ قائد اعظم جي مزار تي لکين سنڌي گڏ ٿي سنڌ تي ٿيندڙ وحدت ۽ سازش جو جواب ڏينداسين جلسي کي هوت خان گاڏهي گلزار سومرو جلال شاهه گل حسن رند ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا عوامي سوچ 27

صابر حسين ولد آغا جان کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب هٿ ڪيل منشيات جي عالمي مارڪيٽ ۾ ماليت لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ رپيا ٻڌائي پئي وڃي، جڏهن ته اها ڪا حتمي سرڪاري ماليت نه آهي. گرفتار جوابدار خلاف نارڪوٽڪس پوليس اسٽيشن روهڙي سرڪل ۾ ڪيس نمبر 08/2026 داخل ڪري سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽنسز ايڪٽ 2024 تحت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي ان موقعي تي اي آءِ ٽي او قمرالدين سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منشيات، خاص طور تي ڪرسٽل آئس، نوجوان نسل جي مستقبل لاءِ هڪ سنگين خطرو آهي. منشيات فروشن خلاف ڪارروائين جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ۽ هن غيرقانوني ڌنڌي ۾ ملوث عنصرن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي هن شهرين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي علائقن ۾ منشيات فروشي جي سرگرمين بابت لاڳاپيل ادارن کي اطلاع ڏين. جيئن گڏيل ڪوششن ذريعي نوجوان نسل کي هن لعنت کان محفوظ بڻائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 28

ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري ڊي سي آفيس جامشورو ۾ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري ضلعي ۾ پوليو مهم جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري عوام کي اپيل ڪئي ته 2 نومبر کان 5 نومبر تائين شروع ٿيندڙ پوليو مهم دوران پنجن سالن تائين جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ٻه ڦڙا ضرور پيارايا وڃن، جيئن اسان پنهنجي گلن جهڙن ٻارڙن کي عمر ڀر جي معذوريءَ کان محفوظ بڻائي سگهون، هن چيو ته پوليو جو خاتمو اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. تنهنڪري والدين پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ ڪو به ٻار پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي نه وڃي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جي اڳوائيءَ ۾ ڊي سي آفيس کان پوليو جي خاتمي بابت آگاهي ريلي پڻ ڪڍي وئي، ريلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جامشورو ڊاڪٽر پير منظور احمد، پراونشل اي او سي جي افشان لالاڻي، ڊبليو ايڇ او جي ڊاڪٽر منصور ميمڻ، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر راجيش ڪمار، پوليو ڪميونيڪيشن آفيسر امام بخش مگسي، روينيو کاتي جي عملدارن، پوليو ورڪرن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 29

چور سينٽر کي ڀڃارو ڏيئي ويا سينٽر جو چور دروازو ٽوڙي ليپ ٽاپ، ڪمپيوٽر، سروي ڪرڻ وارا ٽيبليٽ، ايل سي ڊي، اسپيڪر سميت ٻيو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. آخري رپورٽن تائين ڪيس داخل ن ٿي سگهيو هو.

بقايا عوامي سوچ 30

افسوسناڪ واقعي ڪيترن ئي غريب خاندانن جي گهرن ۾ ڏک ۽ ماتم جي فضا قائم ڪري ڇڏي آهي. واقعي ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ ۽ خاندانن تي آيل ڏک جي گهڙيءَ تي ٿر جي غريبن جي همدرد ۽ ڏکي وقت ۾ ماڻهن جي سار لهندڙ سماجي اڳواڻ ارباب انور عبدالجبار گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي فوتين جي وارثن سان دلي تعزيت ڪئي آهي. ارباب انور عبدالجبار چيو ته انساني جان انتهائي قيمتي آهي، جنهن جو ڪو به ملهه مقرر نٿو ڪري سگهجي. انتظامي معاملن ۾ مبينا لاپرواهي ۽ ناقص انتظامن سبب جڏهن اهڙا دردناڪ واقعا پيش اچن ٿا ته نه رڳو انساني جانيون ضايع ٿين ٿيون، پر ڪيترن ئي غريب خاندانن جا آشيانا به اجڙي وڃن ٿا ۽ سندن زندگيون ڏکن ۽ مشڪلاتن جي ور چڙهي وڃن ٿيون. هن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ زخمي ٿيل ماڻهن کي مٺي بدران ڪنهن بهتر ۽ سهولتن سان ليس اسپتال ۾ منتقل ڪري معياري علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. جڏهن ته فوتين جي وارثن ۽ متاثر خاندانن کي في خاندان هڪ هڪ ڪروڙ رپيا معاوضو ڏنو وڃي، جيئن هو هن ڏکئي وقت ۾ پنهنجي زندگيءَ جو گذر سفر ڪري سگهن ۽ سندن معاشي پريشانين ۾ ڪجهه گهٽتائي اچي سگهي. ارباب انور عبدالجبار وڌيڪ چيو ته انساني جان جو ڪو به نعم البدل ناهي. هڪ ڪروڙ ته ڇا، هڪ ارب رپيا به ڪنهن پياري جي وڇوڙي جو ازالو نٿا ڪري سگهن. سنڌ حڪومت پاران 20 لک رپيا معاوضو ڏيڻ جو اعلان متاثر خاندانن جي نقصان ۽ سندن ڏکن جي ڀيٽ ۾ انتهائي گهٽ آهي. هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته اهڙي ڏکئي وقت ۾ ٿرپارڪر جي چونڊيل نمائندن کي متاثر خاندانن وٽ پهچي سندن ڏک ونڊڻ ۽ سندن سار لهڻ گهرجي ها، پر سندس چوڻ موجب اڃا تائين ڪو به چونڊيل نمائندو انهن متاثر خاندانن وٽ لڙي نه آيو آهي. آخر ۾ ارباب انور عبدالجبار چيو ته هو ۽ سندس خاندان هن دردناڪ گهڙيءَ ۾ متاثر خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪن ٿا. هن چيو ته فوتين جي وارثن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ الله پاڪ کان دعا آهي ته فوتين کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي، زخمين کي جلد صحتيابي ڏئي ۽ سوگوار خاندانن کي هي ڏک برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

بقايا عوامي سوچ 31

ين ئي وارداتن ۾ ملوث جوابدار شاهد علي ملوڪاڻي ولد رمضان ملوڪاڻي کي پوليس مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو سندس قبضي مان هڪ موٽرسائيڪل ۽ هڪ ٻگ مائوزر هٿ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سندس ٻه هٿياربند ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ايس ايڇ او جهول محمد ياسر نواز مغل پوليس ٽيم سان گڏ موٽرسائيڪل چوري جي وارداتن ۾ ملوث جوابدار شهزاد ولد گلشير خاصخيلي کي پوليس مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جوابدار جي قبضي مان هڪ پسٽل پڻ هٿ ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سندس ٻه هٿياربند ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا گرفتار جوابدارن خلاف اقدامِ قتل، پوليس مقابلي ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا عوامي سوچ 32

ٻولهه ڪئي ان يقين ڏياريو واقعي جي شفاف جانچ ڪرائي ويندي ڪنهن جي به ڪوتاهي نڪتي ان کي سخت قانون موجب سزاڏني ويندي سول اسپتال جي انتظاميا کي زخمين جي بهترين علاج ڪرڻ ۽ هر سهوليت ڏيڻ جون هدايتون پڻ ڪيون

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

ميرپورخاص ۾ سي آءِ اي پوليس جي بروقت ڪارروائي، اغواءِ ڦرجي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار هٿيارن سميت گرفتار

ميرپورخاص پوليس پاران عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي

انچارج سي آءِ اي انسپيڪٽر ذيشان علي لاشاري ۽ اي ايس آءِ عبدالسلام انڙ* پنهنجي ٽيم سان گڏ ڳجهي اطلاع تي بروقت ڪارروائي

ڳجهي اطلاع تي بروقت ڪارروائي ڪندي اغواءِ ڦرجي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار عامر علي بروهي کي گرفتار ڪري ورتو

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ جي هدايتن ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي حڪمن تي ميرپورخاص پوليس پاران عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ڏوهاري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ميرپورخاص: سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي جي حد روشن پلازا ويجهو ڪچري جي ڍير مان 5 مهينن جي معصوم ٻار جو لاش هٿ

جنهن سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي، اطلاع موجب اڻڄاتل ماڻهو صبح سوير ٻار جو لاش ڪچري جي ڍير ۾ اڇلائي فرار ٿي ويا

واقعي جي اطلاع تي علائقي واسين سيٽلائيٽ ٽائون پوليس کي آگاهه ڪيو، جنهن بعد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي شاهدين گڏ ڪرڻ بعد لاش پنهنجي تحويل ۾ ورتو

پوليس پاران لاش تدفين لاءِ ايڌي فائونڊيشن حوالي ڪرڻ جا انتظام ڪيا پيا وڃن، جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص ۾ سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي جي حد ريلوي ڦاٽڪ وٽ روشن پلازا ويجهو ڪچري جي ڍير مان پنجن مهينن جي معصوم ٻار جو لاش هٿ آيو، جنهن سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

علي بحر لڳ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول علو ٽارو جي استاد محبوب خاصخيلي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي تقريب

استاد محبوب خاصخيلي کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪون ۽ گلاب جي گلن جا هار پيش ڪري کيس ڀيٽا ڏني وئي

علي اڪبر ٽارو، اسماعيل ٽارو، نظر ٽارو، ساجد ٽارو، رسول بخش ٽارو سميت شاگردن ۽ ٻين ڳوٺاڻن وڏي انگ ۾ شرڪت

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) علي بحر لڳ گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول علو ٽارو جي استاد محبوب خاصخيلي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سيد علي رضا جاني شاهه باقراڻي تعلقي جي دوري دوران ڳوٺ بخش جتوئي پهتو

جتي سنڌس ڪارڪنن طرفان گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو

سربراهه مرڪز ولايت علي عليه السلام پاڪستان سيد علي رضا جاني شاهه باقراڻي تعلقي جي دوري تي پهتو

ان موقعي سيد علي رضا جاني شاهه، علي ارشد هليو، نياز حسين ڪوسو، سيد لياقت شاهه ۽ ٻين خطاب

ڏوڪري(رپورٽر)سربراهه مرڪز ولايت علي عليه السلام پاڪستان سيد علي رضا جاني شاهه باقراڻي تعلقي جي دوري دوران ڳوٺ بخش جتوئي پهتو جتي سنڌس ڪارڪنن طرفان گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو تفصيل موجب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد سول اسپتال بدين ۾ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح

مهم جي افتتاح ڪانپوءِ پوليو بابت عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سول اسپتال بدين کان مين روڊ تائين آگاهي واڪ پڻ ڪيو ويو

پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي، جيڪا اسان جي ٻارڙن کي عمر ڀر جي معذوري ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي

تنهن ڪري والدين کي گهرجي ته هو پنهنجن ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا ضرور پيارين

بدين (رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد سول اسپتال بدين ۾ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياري پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي مهم جي افتتاح ڪانپوءِ پوليو بابت عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ سول اسپتال بدين کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

EOC Sindh
DR SIKANDAR ALI MANDHRO CIVIL HOSPITAL BADIN

پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ ۽ مائڪرو پلان جي مقرر ڪيل هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اثرائتي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي: ڪمشنر

ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو جي صدارت هيٺ ڪمشنر ڪميٽي هال ۾ هڪ گڏجاڻي منعقد ٿي

جنهن ۾ 2 کان 5 نومبر 2026 تائين ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

جيئن ڪو به ٻار پوليو ويڪسينيشن پروگرام کان ٻاهر نه رهي، ان سلسلي ۾ ڪا به غفلت برداشت نه ڪئي ويندي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو جي صدارت هيٺ ڪمشنر ڪميٽي هال ۾ هڪ گڏجاڻي منعقد ٿي جنهن ۾ 2 کان 5 نومبر 2026 تائين ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو ورتو ويو. ان مو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڀارتي جيلن مان آزاد ٿيل ماهيگيرن جي وارثن حوالي ڪرڻ ۽ مالي سهائتا ۾ فشر فوڪ فورم ۽ فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جو اهم ڪردار

ڀارتي جيلن مان آزادي ماڻيندڙ بدين واسي محبوب علي ملاح سميت آزاد ٿيل سمورن پاڪستاني ماهيگيرن جي قانوني گهرجن

دستاويزي ڪارروائي مڪمل ڪرائي کين وارثن حوالي ڪيو ويو. آزاد ٿيل ماهيگيرن جي گلن جا هار پارائي شاندار آجيان پڻ ڪئي وئي

ماهيگيرن جي حقن جي تحفظ، سندن مالڪي ۽ خوشحال مستقبل لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بدين (رجب راهمون)ڀارتي جيلن مان آزاد ٿيل ماهيگيرن جي وارثن حوالي ڪرڻ ۽ مالي سهائتا ۾ فشر فوڪ فورم ۽ فشرمين ڪوآپريٽو سوسائٽي جو اهم ڪردار بدين: پاڪستان فشر فوڪ فورم جي مرڪزي وائيس چيئرپرسن محترمه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

گيس سلينڊر ڌماڪي بابت سنڌ حڪومت پاران ڊي جي صحت حيدرآباد جي اڳواڻي ۾ تحقيقات ڪاميٽي جوڙي وئي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڏانو ڌانڌل ۾ ايمبولينس ۾ ٿيل گيس سلينڊر ڌماڪي بابت سنڌ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڏانو ڌانڌل واقعي تي پ پ پ ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي پاران افسوس جو اظهار

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) ڏانو ڌانڌل واقعي تي پ پ پ ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڏوڪري ۽ باقراڻي ۾ امن امان بهتر بڻائڻ لاءِ ڏوهارين ۽ جوارين خلاف سخت ڪارروائيون جاري آهن: ڊي ايس پي اسد الله ڀٽي

ڏوهارين ۽ جوارين منشيات فروشن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون جاري آهن، شهرين کي هر صورت ۾ تحفظ فراهم ڪيو ويندو

ڏوڪري ۽ باقراڻي جي سمورن ايس ايڇ اوز کي جوا، منشيات فروشي ۽ ٻين سماجي برائين خلاف سخت ۽ بنا فرق جي ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري ۽ باقراڻي ۾ امن امان بهتر بڻائڻ لاءِ ڏوهارين ۽ جوارين خلاف سخت ڪارروائيون جاري آهن: ڊي ايس پي اسد الله ڀٽي رپورٽ موجب نئين مقرر ٿيل ڊي ايس پي ڏوڪري ۽ باقراڻي اسد الله ڀٽي چيو آهي ته پنهنجي تعلق ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن. ڏوهارين ۽ جوارين منشيات فروشن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10


ڏوڪري: نئون مقرر ٿيل ڊي ايس پي ڏوڪري ۽ باقراڻي اسد الله ڀٽي صحافين سان ڳالهائيندي

ميرپورخاص ۾ چونڊن ۾ عورتن جي ووٽن جي رجسٽريشن ۽ شرح ۾ اضافي لاءِ آگاهي ورڪشاپ منعقد

چونڊن ۾ عورتن جي ووٽ ڏيڻ جي شرح وڌائڻ لاءِ اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

جيئن عورتون به جمهوري عمل ۾ ڀرپور حصو وٺي سگهن، ڇاڪاڻ ته عورتن جي شموليت ڪانسواءِ ڪو به معاشرو ترقي نٿو ڪري سگهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو)چونڊن ۾ عورتن جي ووٽرن جي رجسٽريشن ۽ شرح ۾ اضافي لاءِ لوڪل گورنمينٽ ميرپورخاص ريجنل اليڪشن ڪمشنر ميرپورخاص ۽ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر آفيس ميرپورخاص پاران ميئر سيڪريٽريٽ م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياري 2 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جو افتتاح

والدين پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ پنهنجي ٻچڙن کي سڄي عمر جي معذوري کان محفوظ بڻائين

لاڳاپيل ادارن جي گڏيل ڪوشش سان ئي پوليو جهڙي موذي مرض جو مڪمل خاتمو ممڪن بڻائي سگهجي ٿو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ڀاڳت ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پياري 2 نومبر کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم جو افتتاح ڪري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

صوبائي محتسب جي ريجنل ڊائريڪٽر ٺٽو جو ٽائون ڊسپينسري ٺٽي جو اوچتو دورو، صحت جي سهولتن جو جائزو

شهرين کي صحت سميت بنيادي حقن جي فراهمي سرڪاري ادارن جي پهرين ترجيح هئڻ گهرجي، الطاف حسين لغاري

صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر الطاف حسين لغاري ٽائون ڊسپينسري ٺٽي جو اوچتو دورو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) صوبائي محتسب جي ريجنل ڊائريڪٽر ٺٽو جو ٽائون ڊسپينسري ٺٽي جو اوچتو دورو، صحت جي سهولتن جو جائزو شهرين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

قومي اسيمبليءَ جي ميمبر سردار رفيق احمد جمالي SICVD چيسٽ پين يونٽ دادو جو دورو

مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو

هن چيسٽ پين يونٽ ۾ علاج جي سهولتن، طبي خدمتن ۽ مريضن کي پيش ايندڙ معاملن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ۽ دادو، جوهي جي تڪ تان چونڊيل قومي اسيمبليءَ جي ميمبر س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

سجاول جوهڙ جمالي ۾ مسافر ڪوچ ڦر ڪيس، گرفتار ٽن جوابدارن جي ضمانت منظور

نويد ميراڻي ۽ زاهد خاصخيلي جي ايڊيشنل سيشن جج ٺٽو جي عدالت ضمانت منظور ڪري ورتي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)جوهڙ جمالي مان ڪجهه ڏينهن اڳ مسافر ڪوچ ڦر ڪرڻ واري واقعي ۽ پوليس مقابلي دوران گرفتار ڪيل ٽن جوابدار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

چتوچنڊ لڳ ڳوٺ حاجي رمضان هيجب جي رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ حاجي رمضان هيجب ۾ ڳوٺاڻن جي هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڳوٺاڻن شرڪت

گڏجاڻي ۾ ڳوٺاڻن پنهنجي اباڻي زمينن جي تحفظ بابت خدشن جو اظهار

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) چتوچنڊ لڳ ڳوٺ حاجي رمضان هيجب جي رهواسين جي زمينن تي ڌارين ماڻهن پاران مبينا طور ڪوڙا ڪاتا ۽ ليزون ٺهرائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

تعليم کاتي سنڌ جي سيڪريٽري پاران سجاول ضلعي ۾ ڊي اوز جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري

سيد فدا حسين شاهه کي ٺٽي مان بدلي ڪري کيس ڊي اي او پرائمري ايجوڪيشن سجاول مقرر ڪيو ويو

سيد فداحسين شاهه جي چارج سنڀالڻ بعد سجاول جي شهرين ۽ والدين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) تعليم کاتي سنڌ جي سيڪريٽري پاران سجاول ضلعي ۾ ڊي اوز جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي، ان س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ڏانو ڌانڌل واقعو _ جمعيت علماءِ اسلام ضلع ٿرپارڪر پاران سخت لفظن ۾ مذمت ۽ متاثرن سان يڪجهتي جو اظهار

هن ڏک ۽ صدمي جي گهڙي ۾ اسان ڏانو ڌانڌل واقعي جي متاثر خاندانن ۽ وارثن سان گڏ آهيون

جمعيت علماءِ اسلام جو هر ڪارڪن متاثرن جي ڏک ۾ برابر جو شريڪ آهي

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو)ڏانو ڌانڌل وٽ پيش آيل افسوسناڪ ۽ دل ڏکوئيندڙ واقعي تي جمعيت علماءِ اسلام ضلع ٿرپارڪر جي ضلع امير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15



ميرپورخاص پرسان ڪاڻ ٿاڻي جي حد ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو

جتي جوابدار حاجي خان مري مبينا طور پنهنجي ڀيڻ فرزانه مري کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو

مقتولا عورت جو لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪري ڇڏيو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص پرسان ڪاڻ ٿاڻي جي حد ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو. جتي جوابدار حاجي خان مري مبينا طور پنهنجي ڀيڻ ف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سينٽر ڏانو ڌانڌل اسپتال جي ايمبولينس ۾ آڪسيجن سلينڊر ڦاٽڻ سبب 10 ڄڻن جي فوت ٿيڻ واري واقعي تي ڏک جو اظهار

پي پي ايڇ آءِ اختيارين کي ذميوار قرار ڏيندي مٿن قتل ڪيس داخل ڪري گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

پي پي ايڇ آءِ جي نااهلي سبب صحت مرڪزن ۾ صرف اسٽاف کي ڊيوٽين جو پابند بڻايو ويو آهي: اوڀايو جوڻيجو

مٺي(ڊ ر محمدرحيم مگريو) ٿر سٽيزن فورم ننگرپارڪر تعلقي جي رورل هيلٿ سينٽر ڏانو ڌانڌل اسپتال جي ايمبولينس ۾ آڪسيجن سلين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

پ پ سينيٽر پونجومل ڀيل ڏانو ڌانڌل سانحي تي دلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڏکويل خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪريان ٿو

ملڪ کان ٻاهر هجڻ سبب فوتين جي وارثن وٽ تڪڙي تي پهچي تعزيت نه ڪري سگهڻ جو دلي افسوس اٿم

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) پ پ سينيٽر پونجومل ڀيل ڏانو ڌانڌل سانحي تي دلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ٿرپارڪر جي شهر ڏانو ڌانڌل ۾ آ ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

جوهي تعلقي جي آٽا چڪي مالڪن کي ڪڻڪ جي ڪوٽا مان ڪٽوتي ڪري پٽر ڪاٽا ڪرڻ خلاف احتجاج

ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر پاران جوهي تعلقي جي 40 آٽا چڪي مالڪن جي ڪوٽا بند ڪري ڇڏي آهي ۽ پٽر ڪاٽيا ويا آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي

ڊي ايف سي دادو بنا ڪنهن جواز جي ڪوٽا ختم ڪئي آهي جنهن سان اٽو مهانگو ٿي ويندو

اسانکي هن مهيني ڪوٽا مطابق ڪڻڪ ناهي ڏني وئي جنهن سان مارڪيٽ ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ جا امڪان آهن

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) جوهي تعلقي جي آٽا چڪي مالڪن کي ڪڻڪ جي ڪوٽا مان ڪٽوتي ڪري پٽر ڪاٽا ڪرڻ خلاف آٽا چڪي ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪئي وئي، آٽا چڪي ايسوسيئيشن اڳواڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

دادوءَ جي نياڻي اقصيٰ لطيف مهيسر جو ڪارنامو چين-پاڪستان ثقافتي مصوري مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل، هڪ لک رپيا انعام

چين-پاڪستان ثقافتي مصوريءَ جي مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري سنڌ جو نالو روشن ڪري ڇڏيو

افتتاح ۽ ٻنهي ملڪن جي سفارتي لاڳاپن جي 75 هين سالگرهه جي حوالي سان ٿيل مقابلي ۾ 15 آرٽسٽن حصو ورتو

جتي اقصيٰ لطيف پنهنجي تخليقي فن ۽ منفرد مصوريءَ ذريعي پهرين پوزيشن ماڻي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادوءَ سان تعلق رکندڙ ايڊووڪيٽ قاضي اقصيٰ لطيف مهيسر اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل چين_پاڪستان ثقافتي مصوريءَ جي مقابلي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري سنڌ جو نالو روشن ڪري ڇڏيو، پاڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

مٽياري ۾ يوٿ ڪنيڪٽ پروگرام، نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سندن صلاحيتن کي مڃتا ڏيڻ تي زور ڏنو

يوٿ ڊولپمينٽ سينٽر مٽياري ۾ "يوٿ ڪنيڪٽ: بااختياري، جدت ۽ مڃتا" جي عنوان هيٺ تقريب منعقد ڪئي وئي

جنهن جو مقصد نوجوانن جي صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ، جدت کي فروغ ڏيڻ ۽ سماجي ترقي ۾ سندن ڪردار کي ساراهڻ هو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) مٽياري ۾ يوٿ ڪنيڪٽ پروگرام، نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سندن صلاحيتن کي مڃتا ڏيڻ تي زور ڏنو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

صالح پٽ: RD 145 جي سرڪاري اسڪول ۾ استاد جي مبينا غيرحاضري خلاف شاگردن ۽ والدين جو احتجاج

اسڪول ۾ گذريل ڪيترن ئي مهينن کان استاد جي غيرحاضري سبب ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي

شاگرد روزانو پڙهائي جي اميد سان اسڪول پهچن ٿا، پر استاد جي موجود نه هجڻ ڪري کين واپس گهر موٽڻو پوي ٿو

جنهن سبب سندن قيمتي وقت ضايع ٿيڻ سان گڏ تعليمي مستقبل بابت به ڳڻتي وڌي رهي آهي : والدين

صالح پٽ (رپورٽ:غلام نبي ميرجت) صالح پٽ تعلقي جي ڳوٺ RD 145 ۾ سرڪاري اسڪول اندر استاد جي مبينا مسلسل غيرحاضري خلاف معصوم شاگردن ۽ سندن والدين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاج ڪندڙ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

سنڌ کي ڄاڻي واڻي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي سنڌ جو پاڻي روڪيو پيو وڃي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ ۾ هلندڙ رابطا مهم سنڌ منهنجي امان جي عنوان سان اڄ احتجاجي مهم ريلي جي صورت ۾ سجاول پهتو

اسان وٽ ڪفن لاءِ پاڻي ن آهي سنڌ تي حڪمراني ڪندڙ مالا مال ٿي ويا آهن غريب اڄ ب غريب آهي

ماڻهون ماني ڳڀي لاءِ پريشان آهن اسلام آباد ۾ ويٺل وزير ۽ ڪراچي ۾ ويٺل مڪڙ سنڌ کي ٽڪرا ڪرڻ لاءِ وڏا وچن ڪري چڪا آهن

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ)سنڌ ترقي پسند پارٽي طرفان سنڌ جي وحدت تي ٿيندڙ سازشن خلاف سنڌ ۾ هلندڙ رابطا مهم سنڌ منهنجي امان جي عنوان سان اڄ احتجاجي مهم ريلي جي صورت ۾ سجاول پهتو سجاول پبلڪ پارڪ تي ڊاڪٽر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

اي اي ٽي او قمرالدين سيال جي نگراني ۾ نيو بس اسٽينڊ ويجهو ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي

هڪ ڪلو 800 گرام ڪرسٽل آئس هٿ ڪري هڪ جوابدار صابر حسين ولد آغا جان کي گرفتار ڪيو ويو

پوليس موجب هٿ ڪيل منشيات جي عالمي مارڪيٽ ۾ ماليت لڳ ڀڳ 3 ڪروڙ رپيا ٻڌائي پئي وڃي

نارڪوٽڪس پوليس اسٽيشن روهڙي سرڪل ۾ ڪيس نمبر 2026/08 داخل ڪري سنڌ ڪنٽرول آف نارڪوٽڪس سبسٽنسز ايڪٽ 2024 تحت وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ اينٽي نارڪوٽڪس پوليس روهڙي سرڪل پاران اي اي ٽي او قمرالدين سيال جي نگراني ۾ نيو بس اسٽينڊ ويجهو ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي هڪ ڪلو 800 گرام ڪرسٽل آئس هٿ ڪري هڪ جوابدار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

عوام پنجن سالن تائين جي ٻارڙن کي لازمي پوليو جا ڦڙا پيارين: ڊپٽي ڪمشنر

ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو ڊي سي آفيس ۾ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري ضلعي ۾ پوليو مهم جو افتتاح

2 نومبر کان 5 نومبر تائين شروع ٿيندڙ پوليو مهم دوران پنجن سالن تائين جي هر ٻار کي پوليو کان بچاءَ جا ٻه ڦڙا ضرور پيارايا وڃن

تنهنڪري والدين پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪن ۽ ڪو به ٻار پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي نه وڃي

ڄامشورو(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري ڊي سي آفيس ۾ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري ضلعي ۾ پوليو مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو. عوام پنجن سالن تائين جي ٻارڙن کي لازمي پوليو جا ڦڙا پيارين: ڊپٽي ڪمشنر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڄامشورو: ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو ڊي سي آفيس ۾ ٻارڙن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري ضلعي ۾ پوليو مهم جو افتتاح ڪندي

مٺي ۾ بي آءِ ايس پي سينٽر مان چوري جي واردات

مٺي /ٿرپارڪر (رپورٽر) مٺي بي آءِ ايس پي (BISP) سينٽر مٺي ۾ چوري جي واردات، نامعلوم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ننگرپارڪر سانحي تي ارباب انور عبدالجبار پاران ڏک جو اظهار

مٺي / ٿرپارڪر(رپورٽر) ننگرپارڪر جي ڌرتيءَ تي پيش آيل اهڙي درد ڀريئي ايمبولئنس سانحي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

بي سيڪشن ٽنڊوآدم ۽ جهول ٿاڻن جي حدن ۾ ٻه پوليس مقابلا

چورين ۽ موٽرسائيڪل چوري جي وارداتن ۾ ملوث شاهد علي ملوڪاڻي ۽ شهزاد خاصخيلي زخمي حالت ۾ گرفتار هڪ ٻگ مائوزر، موٽرسائيڪل ۽ هڪ پسٽل هٿ

وارداتن ۾ ملوث جوابدار شاهد علي ملوڪاڻي ولد رمضان ملوڪاڻي کي پوليس مقابلي بعد زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو

سانگهڙ (رپورٽر) بي سيڪشن ٽنڊوآدم ۽ جهول ٿاڻن جي حدن ۾ ٻه پوليس مقابلا چورين ۽ موٽرسائيڪل چوري جي وارداتن ۾ ملوث شاهد علي ملوڪاڻي ۽ شهزاد خاصخيلي زخمي حالت ۾ گرفتار هڪ ٻگ مائوزر، موٽرسائيڪل ۽ هڪ پسٽل هٿ تفصيل موجب ايس ايڇ او بي سيڪشن ٽنڊوآدم بشيراحمد چانڊيو پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ گشت دوران چورين جي ڪيٽر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ٿرپارڪر ايمبولينس سانحو: پي پي ايڇ آءِ سنڌ جو سي اي او اسپتال پهتو

واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي ويندي، ذميوار کي سخت قانون موجب سزا ڏني ويندي: سي اي او پي پي ايڇ آءِ

سول اسپتال جي انتظاميا کي زخمين جي بهترين علاج ڪرڻ ۽ هر سهوليت ڏيڻ جون هدايتون پڻ ڪيون

مٺي / ٿرپارڪر :(رپورٽر) پي پي ايڇ آءِ سنڌ جو سي اي او ضلع ٿرپارڪر جي انتظاميه سان گڏ سول اسپتال مٺي پهچي زخمين جي علاج بابت معلومات ورتي ۽ زخمي عورت ملازمن جي عيادت پڻ ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان پڻ ڳالهه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32